روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 19 اپريل 2023ع بمطابق 28 رمضان المبارڪ 1444هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 326

چونڊن لاءِ فنڊ نه ملي سگهيا ۽ اسٽيٽ بئنڪ رقم منتقل نه ڪئي (اليڪشن ڪميشن) اسٽيٽ بئنڪ به پنهنجي رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي، رقم جي منتقلي نه ٿيڻ جا سبب شامل

چونڊ فنڊن جي عدم فراهمي تي رپورٽون جمع، انٽيليجنس ايجنسين جي سربراهن جي به چيف جسٽس سان ملاقات

نائي واري وزارت پڻ فنڊن بابت رپورٽ اٽارني جنرل آفيس ذريعي سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي، وفاقي ڪابينا جي فيصلي ۽ پارليامينٽ جي معاملو موڪلڻ، عدالتي حڪم تي اسٽيٽ بئنڪ کي فراهم ڪيل مدد جا تفصيل به شامل

فنڊن جي منتقلي تي قانوني پهلوئن کي به اجاگر ڪيو ويو آهي، سڀئي رپورٽون سپريم ڪورٽ رجسٽرار جي آفيس ۾ جمع ڪرايون ويون، جيڪي ججن کي چيمبرز ۾ موڪليون وينديون

پنجاب ۾ 14 مئي تي چونڊن لاءِ سيڪيورٽي جي فراهمي جي معاملي تي انٽيليجنس ايجنسين جي سربراهن چيف جسٽس سميت ٻين ججن سان ملاقات ڪئي

گڏيل ڏينهن ٿيندڙ ملاقات چيف جسٽس جي چيمبر ۾ 3 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت جاري رهي، جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس منيب اختر به چيف جسٽس جي چيمبر ۾ موجود هئا

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن، نائي واري وزارت ۽ اسٽيٽ بئنڪ پنجاب ۾ چونڊن بابت ڪيس ۾ فنڊن جي فراهمي جي حوالي سان رپورٽون سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيون. اليڪشن ڪميشن سپريم ڪورٽ کي آگاهه ڪيو آهي ته چونڊن لاءِ فنڊ نه ملي سگهيا ۽ اسٽيٽ بئنڪ رقم منتقل نه ڪئي، هوڏانهن اسٽيٽ بئنڪ به پنهنجي رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي، جنهن ۾ رقم جي منتقلي نه ٿيڻ جا سبب شامل آهن. نائي واري وزارت پڻ فنڊن بابت رپورٽ اٽارني جنرل آفيس ذريعي سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي آهي. رپورٽ ۾ وفاقي ڪابينا جي فيصلي ۽ پارليامينٽ کي معاملو موڪلڻ، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: پيپلز پارٽي جو وفد ايم ڪيو ايم اڳواڻن سان ملاقات کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي

صدر پاران عيدالفطر جي موقعي تي قيدين جي سزائن ۾ 90 ڏينهن جي گهٽتائي جي منظوري

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي عيدالفطر جي موقعي تي قيدين جي سزائن ۾ 90 ڏينهن جي گهٽتائي جي منظوري ڏئي ڇڏي. سزائن ۾ گهٽتائي جو اطلاق قتل، جاسوسي، رياست مخالف سرگرمين ۽ دهشتگردي سميت سنگين نوعيت جي ڏوهن ۾ سزايافته قيدين تي نه ٿيندو ايوان صدر جي پريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ثاقب نثار سياسي دڪان چمڪائڻ لاءِ عدالت لڳائيندو هو: وزيراعظم

ثاقب نثار حنيف عباسي کي شڪست ڏيارڻ لاءِ شيخ رشيد جو ايجنٽ بڻجي تڪ ۾ ويو، ملڪ ۾ ڪا به حڪومت اچي پر تعليم ۽ صحت جي ميدان ۾ سياست جي اجازت نه هجڻ گهرجي

پي ڪي ايل آئي ۾ پڻ جگر ۽ گردي جي پيوندڪاري جي سوين مريضن جي علاج جو انتظام ڪيو پر اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار مون تي ان معاملي ۾ 20 ارب رپيا ضايع ڪرڻ جو الزام هنيو، هو ته چنچر ۽ آچر تي به عدالتون لڳائيندو هو

جيڪڏهن اهي 20 ارب رپيا غرق ٿي ويا هئا ته پوءِ ڪورونا ۾ پي ڪي ايل آئي ڪورونا جي مريضن جي علاج جي لاءِ هڪ وڏو مرڪز ڪيئن بڻجي ويو هو؟ اتي 200 وينٽي ليٽرز مشينون موجود هيون

پنجاب حڪومت اربين رپيا خرچ ڪري گردن ۽ جگر جي مريضن کي علاج جي لاءِ هندستان ۽ چين موڪليندي هئي، پي ڪي ايل آئي ۾ چئني صوبن، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي مريضن کي پڻ مفت پيوندڪاري جي سهولت ڏني وئي آهي

انسانيت جي خدمت ۽ مريضن کي علاج جون سهولتون مهيا ڪرڻ تمام وڏي عبادت آهي، اسان سڀني کي گڏجي غربت، جهالت، بيروزگاري، بيماري جي خاتمي ۽ ملڪ کي قائد ۽ اقبال جو پاڪستان بڻائڻ جي لاءِ گڏ ٿيڻ گهرجي

رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ مريضن کي علاج مهيا ڪرڻ هڪ تمام وڏي عبادت آهي، هن اسپتال جو بنياد 2009ع ۾ رکيو ويو هو، 2013ع کانپوءِ اسان ان جي لاءِ فنڊز مهيا ڪيا

راولپنڊي (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ثاقب نثار غريب کي انصاف لاءِ نه سياسي دڪان چمڪائڻ لاءِ عدالت لڳائيندو هو راولپنڊي انسٽيٽيوٽ آف يورالاجي ٽرانسپلانٽيشن اسپتال جي دوري جي موقعي تي ڳالهائيندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته مريضن جو علاج ڪرڻ وڏي عبادت آهي، هن اسپتال جي تعمير ۾ 5 ارب رپيا لڳي چڪا آهن، اسپتال کي گهٽ ۾ گهٽ اڳ ڏکي انسانيت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڊيم لاءِ گڏ ڪيل رقم محفوظ هٿن ۾ آهي: ثاقب نثار

جمع ٿيل رقم کي 5 رڪني بئنچ انويسٽ ڪري ڇڏيو هو

رقم وڌي 17 ارب رپيا ٿي وئي، ملڻل رقم محفوظ هٿن ۾ آهي

لاهور (م ڊ) اڳوڻي چيف جسٽس آف پاڪستان ثاقب نثار چيو آهي ته ماڻهن ڊيم فنڊ ۾ 10 ارب رپيا جمع ڪرايا هئا. هڪ تقريب سان خطاب ڪندي ثاقب نثار چيو ته رقم جي حفاظت لاءِ 5 رڪني بئنچ جوڙي هئي، جمع ٿيندڙ رقم کي ان بئنچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

راولپنڊي: وزيراعظم شهباز شريف ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي سُپريم ڪورٽ پاران آڊٽ نه ڪرائڻ جو نوٽيس ورتو

اسلام آباد (م ڊ) پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي سپريم ڪورٽ پاران آڊٽ نه ڪرائڻ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو اجلاس دوران پي اي سي چيئرمين چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

صدر کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست

عارف علوي صدر جي عهدي تي رهڻ جو اهل ناهي رهيو: درخواست گذار

صدر هڪ سياسي جماعت سان جڙيل ۽ جانبدار آهي، ڪيس برطرف ڪيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ۾ صدر عارف علوي کي عهدي تان هٽائڻ جي درخواست داخل ڪرائي وئي آهي. درخواست شهري چوڌري محمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

توهين عدالت تي گيلاني جيان شهباز شريف به نااهلي پوڻيندو: عمران خان

عمران خان سان چوڌري پرويز الاهي ملاقات ڪئي، جنهن ۾ پنجاب ۾ چونڊن لاءِ ٽڪيٽن تي مشاورت ٿي

سپريم ڪورٽ جو فيصلو نه مڃي حڪمران غلط روايت وجهي رهيا آهن توهين عدالت تي اڳ ۾ يوسف رضا گيلاني نااهلي پوڳي

نااهل حڪمرانن کي پنهنجي هر غير آئيني قدم جو جواب ڏيڻو پوندو، شهباز شريف اقتدار سان چنبڙيل رهڻ چاهي ٿو

پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي ته توهين عدالت تي اڳ يوسف رضا گيلاني نااهلي پوڳي، هاڻ شهباز شريف پوڳيندو. عمران خان سان چوڌري پرويز الاهي ملاقات ڪئي، جنهن ۾ پنجاب ۾ چونڊن لاءِ ٽڪيٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جماعت اسلامي حڪومت ۽ اپوزيشن وچ ۾ ڳالهين لاءِ ڪميٽي جوڙي ڇڏي

ڪميٽي ۾ لياقت بلوچ کان علاوه پروفيسر ابراهيم، اميرالعظيم ۽ قيصر شريف شامل

سياسي پارٽين کي چونڊن جي معاملي تي ڊائيلاگ جي لاءِ قائل ڪيو ويندو

لاهور (م ڊ) جماعت اسلامي حڪومت ۽ اپوزيشن وچ ۾ ڳالهين جي لاءِ لياقت بلوچ جي سربراهي ۾ 4 رڪني ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي، ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

حڪومت پاران اضافي فنڊنگ جو منصوبو آءِ ايم ايف حوالي

رائزنو پروگرام مان 45 ڪروڙ رپيا، اي آءِ بي ۽ ڪمرشل بئنڪن کان هڪ ارب ڊالر ڏنا ويندا

معاهدو ٿيڻ جي صورت ۾ فنانسنگ جو بندوبست آسان ٿي ويندو: آءِ ايم ايف کي درخواست

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت پاران 3 ارب ڊالرن جي اضافي فنانسنگ جو منصوبو انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) کي ڏئي ڇڏيو آهي، نائي واري وزارت جي ذريعن موجب رائزنو پروگرام مان 45 ڪروڙ رپيا، اي آءِ بي ۽ ڪمرشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

لاهور هاءِ ڪورٽ پنجاب پوليس کي عمران خان کي هيسائڻ کان روڪي ڇڏيو

ڇا توهان عمران خان کي عيد گهر ۾ ڪرڻ ڏيندا؟: جسٽس باقر علي نجفي جو پنجاب سرڪار جي وڪيل کان پڇاڻو

اسان اهو نٿا چئون ته جاچ روڪي وڃي، ڪو ڪيس آهي ته عمران خان کي ٻڌائي ڇڏيو: جسٽس عاليه نيلم

آئون چونڊون چاهيان ٿو، ڊڪٽيٽر چو چاهيندس؟ تصديق ٿيل اطلاع آهن ته عيد تي آپريشن ڪيو ويندو: عمران خان

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ پنجاب پوليس کي عمران خان کي هيسائڻ کان روڪي ڇڏيو آهي، عمران خان خلاف ڪيسز ۽ عيد تي امڪاني آپريشن خلاف درخواست تي محفوظ فيصلو جاري ڪيو ويو، جسٽس علي باقر نجفي جي سربراهي ۾ 5 رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئي، ٻڌڻي دوران پنجاب سرڪار جي وڪيل کي مخاطب ٿيندي جسٽس باقر علي نجفي چيو ته ڇا توهان عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

وڏي وزير ڌاڙيلن خلاف آپريشن لاءِ جديد هٿيار خريد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

صوبي ۾ سمورن ٽول پلازائن تي سي سي ٽي وي ڪئميرا لڳائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

سنڌ ۾ 40 ٽول پلازه آهن، عيد کانپوءِ سنڌ ٽول پلازه سرويلنس پروجيڪٽ عمل شروع ڪيو وڃي: وڏو وزير

سنڌ ٽول پلازه سرويلنس منصوبي لاءِ 1.56 ارب رکڻ ۽ جاچ الائونس بجيٽ جاري ڪرڻ جي به منظوري ڏني وئي

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه امن امان بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن لاءِ جديد هٿيار خريد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. صوبي ۾ سمورن ٽول پلازائن تي سي سي ٽي وي ڪئميرا لڳائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. وڏي وزير مراد علي شاهه اجلاس ۾ چيو ته سنڌ ۾ 40 ٽول پلازه آهن، عيد کانپوءِ سنڌ ٽول پلازه سرويلنس پروجيڪٽ عمل شروع ڪيو وڃي، جيڪو جاچ آفيسر ڪيس ڪٽيندو، ان کي روڪ انعام ڏنو ويندو، وڏي وزير آءِ جي ۽ گهرو کاتي کي جاچ آفيسرن کي ڪيش ايوارڊ ڏيڻ لاءِ پروپوزل جوڙڻ جي هدايت ڪئي آهي، سنڌ ٽول پلازه سرويلنس منصوبي لاءِ 1.56 ارب رکڻ ۽ جاچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

عمران ۽ بشريٰ بي بي جي شادي، عون چوڌري شاهدي ڏيڻ لاءِ راضي

درخواستگذار عدالت ۾ ٽئين شاهد جو بيان رڪارڊ ڪرائڻ جي تياري مڪمل ڪري ورتي

عون چوڌري سينيئر سول جج نصر من الله بلوچ جي عدالت ۾ پيش ٿيندو

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي خلاف نڪاح ڪيس ۾ اهم اڳيرائي ٿي آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته درخواستگذار عدالت ۾ ٽئين شاهد جو بيان رڪارڊ ڪرائڻ جي تياري مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو آپريشنل دائرو سڄي سنڌ تائين وڌائڻ لاءِ تجزياتي رپورٽ ڪرائڻ جي منظوري

صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت ۾ اجلاس، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري، بورڊ جي ايم ڊي سميت ٻين جي شرڪت

گڏيل بورڊ ميٽنگ جي منظوري کانپوءِ حيدرآباد ۽ سکر ۾ ڪمپنين مرحليوار صفائي جو ڪم شروع ڪري ڏنو آهي: بريفنگ

نه رڳو شهيد بينظير آباد ۽ ميرپورخاص ۾ پر دادو، سانگهڙ، سيوهڻ شريف، خيرپور کي به تجزياتي رپورٽ ۾ شامل ڪيو وڃي: سيد ناصر شاهه

ڪراچي () سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو آپريشنل دائرو سڄي سنڌ تائين وڌائڻ لاءِ تجزياتي رپورٽ ڪرائڻ ۽ ڪراچي ڊڪڻ ضلعي مان ڪچرو کڻڻ لاءِ نئون ٽينڊر ڪرائڻ جي منظوري، ان ڏس ۾ گڏيل ڏينهن بورڊ جو اوٿيهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ برسات: سائن بورڊز ۽ ڇپرا اُڏامي ويا

روهڙي، ڪنڊيارو، پنو عاقل، ٺارو شاهه، ڪنڌڪوٽ، ڪرمپور ۽ مديجي ۾ تيز هوائن سان برسات پئي

نوشهروفيروز، ڪنڊيارو، پڊ سٽي ۽ مورو ۾ تيز هوا سان وسڪارو ٿيو، لاڙڪاڻو، باڍهه، قمبر، شهدادڪوٽ ۽ ٻيريلو ۾ برسات

دادو، جوهي، ميهڙ، کي اين شاهه، فيض گنج، گمبٽ، ڪوٽڙي ڪبير، جام صاحب، نصير آباد، محرابپور ۽ هنگورجا ۾ به برسات پئي

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري آهي سکر ۾ طوفاني هوائن سان برسات دوران سائن بورڊز ۽ ڇپرا اُڏامي ويا، روهڙي، ڪنڊيارو، پنو عاقل، ٺارو شاهه، ڪنڌڪوٽ، ڪرمپور ۽ مديجي ۾ تيز هوائن سان برسات پئي آهي، جڏهن ته نوشهروفيروز، ڪنڊيارو، پڊ سٽي ۽ مورو ۾ تيز هوا سان وسڪارو ٿيو لاڙڪاڻو، باڍهه، قمبر، شهدادڪوٽ ۽ ٻيريلو ۾ برسات، دادو، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

فنڊنگ ڪيس: ايف آءِ اي اسد عمر کي ٻيهر طلب ڪري ورتو

27 اپريل تي ايف آءِ اي آفيس لاهور ۾ جي آءِ ٽي آڏو پيش ٿي پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي: نوٽيس

اسد عمر جو جواب اطمينان بخش نه هو، ڪيس ٻيهر طلب ڪيو ويو آهي: ذريعا

لاهور (م ڊ) ايف آءِ اي لاهور ممنوع فنڊنگ ڪيس ۾ تحريڪ انصاف جي اڳواڻ اسد عمر کي ٻيهر طلب ڪري ورتو ايف آءِ اي اختيارين موجب اسد عمر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سعودي عرب سان معمول جا لاڳاپا ۽ امن چاهيون ٿا: اسرائيل

اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو سان آمريڪي سينيٽر لنزي گراهم جي ملاقات

لاڳاپن کي عرب اسرائيل تڪرار جي خاتمي طرف وڏي قدم طور ڏسون ٿا

تل ابيب (م ڊ) اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو چيو آهي ته سعودي عرب سان معمول جا لاڳاپا ۽ امن چاهيون ٿا. اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

موٽروي رٽا ميگا ڪرپشن جي ڪيس: هڪ جوابدار جي گرفتاري کان اڳ ضمانت منظور

حيدرآباد (رپورٽر) ايم سڪس موٽروي رٽا ۾ سوا 2 ارب روپين جي ميگا ڪرپشن جي ڪيس ۾ هڪ جوابدار جي گرفتاري کان اڳ ضمانت منظور ڪئي وئي آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد جوابدار اسلم پيرزادو جي 10 لک روپين عيوض ضمانت منظور ڪري ورتي، احتساب عدالت 4 اپريل تي جوابدار جي ضمانت رد ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: اسپيڪر راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪندي

اسلام آباد: وفاقي وزير اياز صادق سان ايراني سفير ملاقات ڪندي

عمراني ٽولي وٽ 10 سالن جي اقتداري گردش جو پلان هو: مريم اورنگزيب

عمران خان ملڪ جي معيشت تباهه ڪئي، هي ماڻهو مهانگائي جو سبب آهن، هن 2 ڪروڙ ماڻهن کي غربت جي لڪير کان به هيٺ ڪري ڇڏيو

آءِ ايم ايف معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري ملڪ کي ڏيوالپڻي جي ڪناري تي پهچايو، ميڊيا تي حملا ڪيا، دهشتگردن کي واپس آندو

عمران خان جي اونداهي دور جون چند جهلڪيون تاريخ ۾ محفوظ آهن، سندس دور ۾ ڦون ارگمل ۽ طيبه گل جهڙن متاثرين کي وزيراعظم هائوس ۾ قيد ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته عمراني گروپ وٽ 10 سالن جو پاور گردشي پلان هو، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي بيان تي رد عمل ڏيندي هن چيو ته عمران خان ملڪ جي معيشت تباهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: وفاقي وزير جاويد لطيف قومي اسيمبلي اجلاس کي خطاب ڪندي

سينيٽر طلحه محمود مذهبي معاملن وارو وفاقي وزير مقرر، ڪابينا ڊويزن پاران نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) جي سينيٽر طلحه محمود کي مذهبي معاملن وارو وفاقي وزير مقرر ڪيو ويو آهي، ڪابينا ڊويزن سينيٽر طلحه محمود جي وفاقي وزير طور مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي سينيٽر طلحه محمود کي مذهبي معاملن واري وزارت جون اضافي ذميواريون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

احتساب عدالت ۾ ٻڌڻي، آغا سراج دراني ۽ ٻيا پيش ٿيا

نئين قانون تحت ريفرنس نه ٿو ٺهي، نيب طرفان بدنيتي تي ريفرنس ٺاهيو آهي نيب وٽ ڪو به ثبوت نه آهن: وڪيل

جنهن ملڪيت تي ريفرنس ٺاهيو ويو آهي، اها ملڪيت آغا سراج دراني جي وڏن جي آهي

هڪ سال کان ڪيس جو نه هليو آهي گڏيل ٻڌڻي تي ريفرنس جا ثبوت ۽ رپورٽون طلب ڪيون ويون هئيون ثبوت ڪٿي آهن: عدالت

ڪراچي (رپورٽر) احتساب عدالت ۾ آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ خلاف ريفرنس جي ٻڌڻي، سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر آغا سراج دراني ۽ ٻيا جوابدار احتساب عدالت ۾ پيش ٿيا، عدالت ۾ آغا سراج دراني جي وڪيل چيو ته نئين قانون تحت ريفرنس نه ٿو ٺهي، نيب طرفان بدنيتي تي ريفرنس ٺاهيو آهي نيب وٽ ڪو به ثبوت نه آهن ريفرنس کي خارج ڪيو وڃي. آغا سراج دراني جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

علي امين گنڊاپور هڪ ڏينهن جي رمانڊ تي پوليس حوالي

دهشتگردي ٽوڙ عدالت اي ٽي اي جي 7 شقن کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو

سرگودا (م ڊ) سرگودا جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ علي امين گنڊاپور کي هڪ ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي: 91 سيڪڙو پاڪستانين جو گهريلو بجيٽ تي گذارو مشڪل بڻجي ويو

سمجهه ۾ نٿو اچي ته رڪارڊ مهانگائي سبب خرچ ڪيئن پورا ڪريون: 91 سيڪڙو پاڪستانين جو سروي ۾ اظهار

7 سيڪڙو ماڻهن ان جي ابتڙ راءِ ڏني ۽ چيو ته ڪا به پريشاني نه آهي، جڏهن ته 2 سيڪڙو ان سوال جو ڪو به جواب نه ڏنو

گذارو ڪرڻ ۾ ناڪامي جو اقرار ڪندڙن ۾ 90 سيڪڙو کان وڌيڪ پنهنجي آمدني 7 هزار کان 30 هزار روپين جي وچ ۾ ٻڌائي

لاهور (م ڊ) 91 سيڪڙو پاڪستانين روزاني شين جي قيمتن ۾ تمام گهڻي واڌ سبب نه صرف ماهوار گهريلو بجيٽ ۾ گذارو مشڪل قرار ڏئي ڇڏيو آهي پر خرچ ڪيئن پورا ڪريون ان باري ۾ ڏاڍو هڃڻ جو اقرار ڪري ڇڏيو آهي، اهڙي ڳالهه جي خبر گيلپ پاڪستان جي سروي مان پئي جنهن ۾ 1100 کان وڌيڪ ماڻهن سڄي ملڪ ۾ حصو ورتو سروي ۾ 91 سيڪڙو پاڪستانين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ هاءِ ڪورٽ کي ايم سي ۽ ڊي ايم سي جي چڙيا گهر ۽ جانورن جي قانوني حيثيت واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ کي ايم سي ۽ ڊي ايم سي جي چڙيا گهر ۽ جانورن جي قانوني حيثيت واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. عدالت کي ايم سي ۽ ڊي ايم سي کان جانورن جي تفصيلن کي طلب ڪري ورتي آهي. عدالت چيو ٻڌايو وڃي ته ڪراچي ۾ ڪيترا چڙيا گهر آهن. وائلڊ لائف کاتو سنڌ هاءِ ڪورٽ کي آگاهه ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي کي آدمشماري ۾ هميشه پوئتي ڌڪيو ويو: خالد مقبول صديقي

اسان جمهوريت کي بچائڻ ۽ تعمير ڪرڻ جو مشن پورو ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي اچو ته ثواب ڪمائڻ جو مشن پورو ڪريون

ڪراچي ۾ مستحقن جو تعداد ايترو آهي جيترو شهر جي آبادي کي مردم شماري ۾ ڏيکارڻ جي سازش ٿي رهي آهي

آدمشماري ۾ ڪراچي کي هميشه هڪ فارمولي تحت پوئتي ڌڪيو ويو، ڪراچي کي هاڻي ڪنهن فارمولي تحت پوئتي نه ٿو رکي سگهجي

ڪراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي ڪنوينر ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي چيو آهي ته اسان جمهوريت کي بچائڻ ۽ تعمير ڪرڻ جو مشن پورو ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي اچو ته ثواب ڪمائڻ جو مشن پورو ڪريون، ڪراچي کي هميشه هڪ فارمولي تحت مردم شماري ۾ پوئتي ڌڪيو ويو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي زير اهتمام سالياني امدادي پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ڏکڻ ضلعي مان ڪچرو کڻڻ لاءِ نئون ٽينڊر ڪرائڻ جي منظوري

بورڊ جو 19 اجلاس مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو

ضلعي هيڊ ڪوارٽرن جن ۾ دادو، سانگهڙ، سيوهڻ شريف، خيرپور کي به تجزياتي رپورٽ ۾ شامل ڪيو وڃي: ناصر شاهه

فرنٽ اينڊ ڪليڪشن جي خانگي ڪمپني معاهدي مطابق صفائي جي ڪم لاءِ عملو پرتي ڪندي: بورڊ کي آگاهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو آپريشنل دائرو سڄي سنڌ تائين وڌائڻ لاءِ تجزياتي رپورٽ ڪرائڻ ۽ ڪراچي ڏکڻ ضلعي مان ڪچرو کڻڻ لاءِ نئون ٽينڊر ڪرائڻ جي منظوري، ان ڏس ۾ گڏيل ڏينهن بورڊ جو اوٿيهون اجلاس مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري بلديات نجم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: چيئرمين اين ڊي ايم اي سان سينيٽر مشاهد حسين ملاقات ڪندي

20 اپريل تي سج گرهڻ ٿيندو پر پاڪستان ۾ نظر نه ايندو: موسميات کاتو

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي جي ترجمان موجب 20 اپريل خميس جي ڏينهن 29 رمضان تي سج گرهڻ ٿي رهيو آهي پر هو پاڪستان ۾ نظر نه ايندو، سج گرهڻ ڀارت ،بنگلاديش ،سري لنڪا ،افغانستان ،ايران ،ٿائي لينڊ ،ايڊونيشيا ،ملائيشيا ،آسٽريليا ،پيسفڪ ،بحرهند ۽ انٽارڪٽڪا ۾ ڪجهه جڳهه مڪمل ۽ ڪجهه جڳهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي ۾ پاڪ ڪي آرمي جو ميجر سڏائيندڙ جوابدار گرفتار

پوليس جوابدار تيمور علي کي گرفتار ڪري جعلي نمبر پليٽ، يونيفارم ۽ ٻيا دستاويز هٿ ڪيا

جوابدار گاڏي تي جعلي نمبر پليٽ لڳائي پاڪ ڪي آرمي جو آفيسر سڏائيندو هو: پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پاڪ ڪي آرمي جو ميجر سڏائيندڙ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي، پوليس جوابدار تيمور علي کي گرفتار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سوڊان جهيڙن: مارجي ويلن جو انگ 185 تي ويو

جاري جهيڙن ۾ آمريڪي سفارتي قافلي تي به فائرنگ ڪئي وئي

خرطوم ۾ موجود يورپي سفير ايڊن اوهارا جي گهر تي به حملو ڪيو ويو

خرطوم (ويب ڊيسڪ) سوڊان ۾ جاري جهيڙن ۾ آمريڪي سفارتي قافلي تي به فائرنگ ڪئي وئي جنهن ۾ ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

آمريڪي ايوان ۾ اميگريشن بابت سخت بل پيش

غير قانوني طور تي ڪم ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي جي سفارش

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي ايوان ۾ اميگريشن بابت سخت بل پيش ڪيو ويو پرڏيهي ميڊيا موجب پيش ڪيل بل ۾ غير قانوني طور تي ڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پاڪستان ۾ جمهوري قدرن لاءِ دٻاءُ وڌو وڃي: آمريڪي ڪانگريس ميمبر

پاڪستاني آمريڪن ڪميونٽي پنهنجي وطن بابت ڪيترو فڪرمند آهي جو سندن ملڪ ترقي ڪري

آمريڪا پاڪستان تي دٻاءُ وجهي ته اسلام آباد انهن ئي جمهوري قدرن جو احترام ڪري جيڪي آمريڪا کي عزيز آهن

انهن قدرن ۾ اظهار جي آزادي، ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي آزادي ۽ سڀ کي گڏ ڪٺي هلڻ به شامل آهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي ڪانگريس ميمبر ايليسا سلوٽڪن چيو آهي ته ري پبليڪنز ۽ ڊيموڪريٽ ڪانگريس ميمبر آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن کي خط لکي رهيا آهن ته پاڪستان ۾ جمهوري قدرن تي عمل يقيني بڻايو وڃي. ڪانگريس وومن ايليسا سلوٽڪن اها ڳالهه مشي گن ۾ پاڪ پيڪ جي انتظام هيٺ افطار ڊنر ۾ خطاب ڪندي چئي. هن چيو ته هوءَ سمجهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

چين فلسطين، اسرائيل امن ڳالهين لاءِ ٽياڪڙي جي آڇ ڪري ڇڏي

بيجنگ (م ڊ) چين فلسطين ۽ اسرائيل وچ ۾ امن ڳالهين لاءِ ٽياڪڙي جي آڇ ڪري ڇڏي. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب چيني پرڏيهي وزير چن گانگ اسرائيل ۽ فلسطين جي اعليٰ سفارتڪارن سان گڏ ڌار ڌار ٽيليفونڪ رابطو ڪيو ۽ چيو ته چين ڌرين وچ ۾ امن ڳالهين ۾ سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهي، چيني پرڏيهي وزير جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

رحيم يار خان: ڌاڙيلن خلاف آپريشن دوران ڪچي ۾ اهلڪار هاءِ الرٽ بيٺل آهن

بدين پوليس پاران منشيات فروش آچار ملاح جي گهرن تي ڪارروائي، عورتن مردن جو احتجاج

15 ڪان وڌيڪ موبائيلن ۾ سوار پوليس بدين شهر جي بس اسٽاپ واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪئي

پوليس ٽاڪ ڊاهي پٽ ڪرڻ سان گڏ پورهيتن جا گهر به ايڪسيويٽر مشينن ذريعي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا

ڪارروائي هڪ سياسي ماڻهوءَ جي فرمائش تي ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ ڪئي ويئي آهي: متاثرين جون ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين پوليس منشيات فروش آچار ملاح ۽ صديق پوپرو جي ... لڪائڻ ۽ ان جي لڳ پورهيت ماڻهن جي گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو عام ماڻهن جا گهر ... ڍهڻ تي عورتن مردن جو ڪارروائي خلاف احتجاج پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين: بدين پوليس خلاف پورهيت احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو تحريڪ انصاف جي
مرڪزي اڳواڻ سيد علي زيدي
جي گرفتاري خلاف احتجاج

دادو (رپورٽر) دادو تحريڪ انصاف جي مرڪزي اڳواڻ ۽ سابق وفاقي وزير سيد علي زيدي جي گرفتاري خلاف پي ٽي آئي ضلع دادو جي صدر سردار عاشق علي زئور، سعيد احمد سومرو، ظهير چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جتوئي هائوس کان دادو پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هڻي سخت نعري بازي ڪئي وئي. ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

تنڊو غلام حيدر لڳ لغاري بس اسٽاپ حيدرآباد بدين مين روڊ تي حادثو

رڪشا جو ٽائر نڪرڻ سبب عورت سميت نينگري روڊ تي ڪري زخمي ٿي پئي

حادثي ۾ عورت فوت ٿي وئي، زخمي معصوم نياڻي کي فرسٽ ايڊ ڏني وئي

تنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) تنڊو غلام حيدر لڳ لغاري بس اسٽاپ حيدرآباد بدين مين روڊ تي رڪشا جو ٽائر نڪرڻ سبب هڪ عورت سميت معصوم نينگري روڊ تي ڪري سخت زخمي ٿي پئي جڏهن ته عورت مٿان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڊي سي نوشهروفيروز پاران روورل هيلٿ سينٽر پڊعيدن جو ليبر روم جو افتتاح

پڊعيدن روورل هيلٿ سينٽر پڊعيدن ۾ ليبر روم 24 اور جو افتتاح ڪيو آهي: ڊي سي

پيرا ميڊيڪل سپورٽنگ اسٽاف هم خيال گروپ جي مرڪزي اڳواڻ مير اعجاز راڄپر شريڪ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) روورل هيلٿ سينٽر پڊعيدن جو ڊي سي نوشهروفيروز شاهزيب شيخ ۽ ڊي ايڇ او نوشهروفيروز ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو جو دورو ڪري ليبر روم جو افتتاح ڪيو وين ان موقعي تي ڊي سي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهروفيروز: ڊي سي ۽ ٻيا عملدار افتتاح بعد دعا گهري رهيا آهن

ٻُلڙي شاهه ڪريم صفت ريسڪيو ٽيم پاران غريب گهراڻن ۾ راشن تقسيم ڪيو ويو

ساٿ فلاحي تنظيم ٻُلڙي شاهه ڪريم ۾ مستحق گهراڻن ۾ گهر گهر وڃي راشن ورهايو

اسان انسانيت جي خدمت عبادت سمجهي ڪندا آهيون، وڌيڪ سامان ورهايو ويندو: اڳواڻ

تنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ٻُلڙي شاهه ڪريم ۾ صفت ريسڪيو ٽيم پاران غريب گهراڻن ۾ راشن تقسيم ڪيو ويو ساٿ فلاحي تنظيم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان ۾ صوفي بزرگ سخي شاهه ديوانو سلطان هاشمي جي عرس تي صوفيائي محفل

سخي شاهه ديوانو سلطان هاشمي جي ساليانو 791 هين جي ساليانو عرس مبارڪ جو ڏهاڙو ملهايو ويو

هزارين مريدن درگاهه تي اچي حاضري ڀري پنهنجي سماءُ لاءِ درگاهه جي اڳڻ ۾ ويهي دعا جي رسم ۾ شريڪ ٿيا

مولودين پنهنجي ڳائيڪي سان مولود ۽ نعت پيش ڪري محفل ۾ مريدن، عقيدتمندن تي سڪتو طاري ڪري ڇڏيو

ٽنڊو محمد خان (بر مظفر علي بروهي) سنڌ جي اولياءِ اڪرام صوفي بزرگ سخي شاهه ديوانو سلطان هاشمي جي 791 هين عرس مبارڪ ڏهاڙي جي موقعي تي هزارين عقيدتمندن جي آمد، صوفيانو سماءُ، دعا جي رسم ادا ڪئي ويئي ./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊو محمد خان: شاهه ديوانو سلطان هاشمي جي ساليانو عرس مبارڪ جو ڏيک

ايگزيڪيوٽو انجنيئر داد ڊويزن شهيد
بينظيرآباد پاران واهه 14 اپريل کان
30 اپريل تائين بند رهڻ بابت آگاهي

نوابشاهه (رپورٽر) ايگزيڪيوٽو انجنيئر داد ڊويزن شهيد بينظيرآباد پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌو درياءَ ۽ روهڙي ڪئنال ۾ پاڻي جي کوٽ سبب داد ڊويزن مان نڪرندڙ مختلف واهه 14 اپريل کان 30 اپريل تائين بند رهندا پڌرائي ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي ته گروپ ون مان نڪرندڙ سن مائنر، منهڙو مائنر، ملواهه ڊسٽري./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو فورڊ ڪاتي جي ڪامورن جا انوکا ڪارناما: خانگي گاڏي تي سرڪار نمبر پليٽ لڳل

ايس اين جي ڊي ڊپارٽمينٽ جي ڪلٽس 2006 ماڊل ڪلٽس جو انڪشاف ٿيو آهي

سليم مگسي پاڻ کي ضلعي جو آفيسر سڏرائي ٽرانسپورٽرز کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳو

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ فورڊ ڪاتي جي ڪامورن جا انوکا ڪارناما خانگي گاڏي ويگو مٿان لڳايل سرڪاري نمبر ايس اين جي ڊي ڊپارٽمينٽ جي ڪلٽس 2006 ماڊل ڪلٽس جو انڪشاف انسپيڪٽر سليم مگسي پاڻ کي ضلعي جو آفيسر سڏرائي ٽرانسپورٽرز کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳو جيڪ پوسٽن تي جعلي سرڪاري نمبرن وارين ريگو گاڏيون بيهاري ڀوجه ٽرانسپورٽن / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

اوٻاوڙو ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي: گل نواز سولنگي

جايون هجڻ باوجود ڊي اي او پرائمري ميڊم زرينه چنو ٽوٽل ميل جون 18 سيٽون ظاهر ڪيون ويون

سيٽون لڪائڻ ۽ گهٽ سيٽون ظاهر ڪرڻ خلاف عيدالفطر کانپوءِ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

اوٻاوڙو (رپورٽر) تعلقو اوٻاوڙو ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي جڏهن ته ان وقت رٽائرمينٽ، پروموشن ۽ ٻي ايس ٽي ڪان جي اي ايس ٽي جوائننگ سبب 200 ڪان مٿي خالي جايون هجڻ باوجود ڊي اي او پرائمري ميڊم زرينه چنو ٽوٽل ميل جون 18 سيٽون ظاهر ڪيون آهن جيڪا تعلقي اوٻاوڙو جي اميدوارن جي حق تي ڌاڙو آهي سنڌس لڪل سيٽون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سب ڊويزن لاڙيءَ ۾ آدمشماري جي ڊيوٽي ڪندڙ استادن جو اجرت نه ملڻ خلاف احتجاج

سيني ضلعن ۾ آدمشماري جي ڊيوٽي سرانجام ڏيندڙ استادن کي پئسا ملي ويا آهن: مظاهرين

اسان کي پگهارون نه مليون آهن، عيد سر تي آهي اسان کي اسان جو جائز حق فوري طور تي ڏنو وڃي

سنجيدگي سان وٺندي فوري طور تي حل ڪيو وڃي جيئن استادن جي بي چيني ختم ٿي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) سب ڊويزن لاڙيءَ ۾ آدمشماري جي ڊيوٽي ڪندڙ استادن اجرت نه ملڻ خلاف ... آفيس اڳيان احتجاج ... سيني ضلعن ۾ آدمشماري جي ڊيوٽي سرانجام ڏيندڙ استادن کي پئسا ملي ويا آهن .../بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جهاد لیگ جو متاثر ڳوٺ لکانو مغيري جي
رهواسين کي امدادي سرگرمين ۾ نظرانداز
ڪرڻ جو انڪشاف

جهاد (رپورٽر) جهاد لیگ جي ... متاثر ڳوٺ لکانو مغيري جي رهواسين کي امدادي سرگرمين ۾ نظرانداز ڪرڻ جو انڪشاف .../بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي: آدمشماري جي ڊيوٽي ڏيندڙ استاد اجرت نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

عيد تي روڊ ڪرايو وٺندڙ مسافر بردار گاڏين ۽ اوورلوڊ گاڏين خلاف ڪارروائي جو فيصلو

عيد جي موقعي تي پنهنجي گهرن ڏانهن ويندڙ مسافرن جي مدد ڪئي ويندي: ڊي آءِ جي موٽروي

سفر کي محفوظ بڻايو پيو وڃي اوورلوڊ ڪندڙ ۽ وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪندڙ خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

چيڪنگ پوائنٽس تي اوورلوڊنگ گاڏين ۽ مسافرن کان وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪرڻ وارن کي چيڪ ڪيو ويندو

نوشهرو فيروز) رپورٽ منظور ملڪ(آءِ جي موٽر وي پوليس سلطان علي خواجا جون هدايتون ته عيد الفطر جي موقعي تي مسافرن جي سفر کي آسان ۽ محفوظ بڻايو وڃي ۽ مسافرن کان اوور لوڊ ڪندڙ ۽ وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪندڙ گاڏين خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ان سلسلي ۾ ڊي آءِ جي موٽروي پوليس سنڌ سوٽر وي پوليس جي آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

غوثپور ريجهو ڳوٺ فاضل ڪاڳاهي ۽ اوڳاهي ۽ تيغاڻي برادري تڪرار، هڪ اغوا

برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ مال جي ڪرڻ تان هلندڙ تڪرار هڪ ڀيرو ڀڙڪي اٿيو

اوڳاهي برادري بس اسٽينڊ تان ويگن مان لهندڙ عبدالرشيد تيغاڻي کي يرغمال بڻايو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ريجهو ڳوٺ فاضل ڪاڳاهي ۽ اوڳاهي ۽ تيغاڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ مال جي ڪرڻ تان هلندڙ تڪرار هڪ ڀيرو ڀڙڪي اٿيو .../بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

غوثپور پرسان مٺن انڊس هاءِ وي تي قمبراڻي لاڙ واري نوجوان حادثي ۾ فوت

پورهيو ڪري چنگچي ريڙهي جو سامهون ايندڙ تيز رفتار ٽرالر سان زور دار ٽڪر ٿي پيو

نتيجي ۾ رڪشا ڊرائيور پنهنجي رهڻ ڏنو نوجوان راجا بخش مهلاڻي نديءَ تي فوت ٿي ويو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور پرسان مٺن انڊس هاءِ وي تي قمبراڻي لاڙ واري علائقي ۾ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

غوثپور: ٽرالر ۽ چنگچي رڪشا ۾ ٿيل ٽڪر جو ڏيک

ٺٽي جي ڪوهستاني زمينن تي ٿيندڙ مبينا قبضا ٽوڙڻ وارن ختم ٿي نه سگهيو

ملوڪ جاڪرو جي رهواسي مرحوم حاجي جاڪرو جي يتيم نياڻين وسائي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اباڻي زمين تي به بااثر ماڻهن قبضا ڪري انهن زمينن کي به وڪرو ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

بااثر ماڻهن پاران نقصان ڏيڻ ٽوڙڻ ڪين ڪوڙن ڪيس ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون

ٺٽو (رپورٽر) ٺٽي جي ڪوهستاني زمينن تي ٿيندڙ مبينا قبضا ... ملوڪ جاڪرو جي رهواسي مرحوم حاجي جاڪرو جي يتيم نياڻين وسائي ۽ ٻين احتجاج ڪيو .../بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽو: ڪوهستاني زمينن تي ٿيندڙ مبينا قبضن جو ڏيک

ايس ايڇ او مڪلي اصغر علي
شاهه ۽ پوليس پوسٽ جنگشاهي
جي انچارج پاران ڪاروايون

ٺٽو (رپورٽر) ايس ايڇ او مڪلي اصغر علي شاهه ۽ پوليس پوسٽ جنگشاهي جي انچارج پاران ڪاروايون .../بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

بدين پيرو لاشاري ويجهو 30 ساله نوجوان کي دوستن گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

جوابدار 30 ساله نوجوان حاجي ملاح ولد عبدالله ملاح کي گولين هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

نوجوان بدين اسپتال ويندي رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، گهر ۾ ڪهرام

پوليس عبدالمطلب بنگالي کي ڏوهه ۾ استعمال ٿيندڙ پستل سميت گرفتار ڪري ورتو آهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ويجهو ڳوٺ عارب ملاح جي ڊڦري جي فارم تي نوجوان حاجي ملاح کي دوستن گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو خبر موجب گذريل رات دير سان بدين ويجهو ڳوٺ عارب ملاح جي رهواسي نوجوان 35 سالا حاجي ولد عبدالله ملاح ديه ڊڦري فارم تي دوستن سان ڪچهري ڪرڻ ويو هو ، ذريعن موجب ڪچهري ڪندي ڪنهن ڳالهه تان ڪاوڙ ۾ اچي سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

رانيپور روڊ تي تيز طوفاني هوا سبب وڻ موٽر سائيڪل سوارن مٿان ڪري پيا

ريلوي اسٽيشن روڊ تي حادثي ۾ عورت ۽ هڪ چوڏهن ورهن جو نينگر زخمي ٿي پيو

موٽر سائيڪل سوار 14 ورهن جو نينگر شعيب رند ۽ هڪ عورت پڻ زخمي ٿي پيا

رانيپور (رپورٽر) ريلوي اسٽيشن رانيپور روڊ تي تيز طوفاني هوا ۽ بارش دوران ڪجيئن جا 3 وڻ ڪارگوءِ موٽرسائيڪل سوارن مٿان ڪري پيا جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت ۽ هڪ چوڏهن ورهن جو نينگر زخمي ٿي پيو رپورٽ موجب رانيپور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

عيد ويجهي آهي مهانگائي گهٽي آهي عيد جي خريداري ۾ گهٽتائي آئي آهي: واپاري

رڳو ٻه ڏينهن هجڻ باوجود ڪپڙا، نوان چپل ۽ ليڊيز جي هار سينگار وغيره جو وڪرو نه ٿي سگهيو

صرف راشن جي دڪان تي خريداري ٿئي ٿي باقي عيد جي خريداري لاءِ عام ماڻهو نٿو اچي: ڳالهيون

عيد جي خريداري ڪٿان ڪريون هڪ شي وٺون ٿا ته ٻي رهجي ويندي آهي: شهري اڳواڻن جون ڳالهيون

گهارو (رپورٽر: بشام جوکيو) عيد ويجهي آهي مهانگائي تمام گهٽي آهي عيد جي خريداري ۾ تمام گهٽتائي آهي عام ماڻهو راشن وٺڻ ۾ مجبور آهي عيد جا ڪپڙا، نوان چپل ۽ ليڊيز جي هار سينگار وغيره جو وڪرو نه ٿي سگهيو واپاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گهارو: مهانگائي سبب عيد ويجهو هجڻ باوجود بازارون ويران نظر اچي رهيون آهن

چاچرو ۾ وزيراعليٰ سنڌ جي
انساني حقن بابت خاص معاون
پاران ڌرتي جو نوٽيس

مٺي (رپورٽر) چاچرو ڌرتوءِ ختم وزيراعليٰ سنڌ جي انساني حقن بابت خاص معاون ايم پي اي سريندر ولاسائي ڳوٺ چاپرڊين جي رهواسي طرفان لڳايل ڌرتي جو نوٽيس وٺڻ کان پوءِ ڊي سي ۽ ايس ايس پي ڳالهه ٻولهه . اي سي چاچرو پريس ڪلب تي پهچي بروقت ڪاروائي جي ڳالهه مڃي ورتي. پوليس موبائيل ۽ ٽريڪٽر گڏ ولي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

رانيپور روڊ تي ... (see above)

ٺٽون ڪوٽ ۾ سيف ۽ تعليمي بورڊن پاران فيسون وٺڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

شاگردن کي هراسان ڪرڻ خلاف سنڌي شاگرد تحريڪ جي نور ڪلوئي جي اڳواڻي ۾ ريلي

عبدالقيوم ٽالپر ٻين جي اڳواڻي ۾ ٺٽون ڪوٽ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ تعليمي بورڊن پاران نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگردن کان ھتڙادو فيسون وٺڻ ۽ فيسون نه ڏيڻ جي صورت ۾ شاگردن کي هراسان ڪرڻ خلاف سنڌي شاگرد تحريڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽون ڪوٽ: سيف پاران فيسن ۾ واڌ ڪرڻ خلاف شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

ايندڙ مون سون جي برسات لاءِ تيار رهڻ گهرجي، سول سوسائٽي اڳتي اچي: امداد حسين صديقي

سماجي ڀلائي واري اين جي اوز، دعوت اسلامي، هيلپنگ هينڊ ۽ UNIOM جا شڪر گذار آهيون

بحالي ۽ لاءِ راشن فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وئي ۽ خيما، مڇر دانيون ۽ ٻيون شيون فراهم ڪيون ويون

اسڪارپ ايريگيشن، ايڪسين پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ايڪسين سيپڪو ۽ ٻيا عملدار شريڪ ٿيا

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊائريڪٽر آپريشنز پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي امداد حسين صديقي چيو آهي ته اسان کي ايندڙ مون سون جي برسات لاءِ تيار رهڻ گهرجي، هو اڄ ڊپٽي ڪمشنر آفيس نوشهروفيروز جي ڪميٽي روم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: ڊائريڪٽر آپريشن پي ڊي ايم اي جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

جو ڳوٺ ميونسپل ڪاميٽي
جي ايڊمنسٽريٽر آفتاب مغل
جي لاپرواهي سبب گندگي

خيرپور (رپورٽر) پير جو ڳوٺ ميونسپل ڪاميٽي جي ايڊمنسٽريٽر آفتاب مغل جي لاپرواهي ۽ ڪرپشن سبب شهر ڪچرا ڪنڊي ۾ تبديل، سماجي تنظيمن ۽ شهرين جو ڌار ڌارا گندگي خلاف احتجاج، آفتاب مغل هٽايو، شهر بچايو تحريڪ جو آغاز، نوٽيس جو مطالبو. خبر موجب پير جو ڳوٺ ميونسپل ڪاميٽي جي ايڊمنسٽريٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مرف اين جي اوز جي نگراني ۾ هلندڙ ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي تي اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ برقرار

مڪلي سميت ٻين اسپتالن ۾ علاج لاءِ غريب مريض دوائون پرائيويٽ اسٽورن تان خريدڻ تي مجبور بڻيل آهن

سول اسپتال مڪلي سميت ٻين سرڪاري اسپتالن جا انتظام صحت کاتي کان وٺي مرف اين جي اوز حوالي ڪيا ويا آهن

جانيون بچائي غريب ماڻهن کي پرائيويٽ اسٽورن تان دوائون خريدڻ کان بچائي ڪين رليف مهيا ڪيو وڃي: ساجاهه وند

ٺٽو (ٻر) مرف اين جي اوز جي نگراني ۾ هلندڙ ضلعي ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي تي قائم سول اسپتال مڪلي سميت ٻين سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ برقرار آهي. جنهن ڪري اسپتالن تي علاج لاءِ ايندڙ غريب مريض دوائون پرائيويٽ اسٽورن تان خريدڻ تي مجبور بڻيل آهن. ۾ انتظامي هن طرف ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن ڪري غريب ماڻهون مهنگائي سبب دوائون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سن واسي ڀيرو نوجوان ٽنڊو آدم پرسان ٽرالر جي ٽڪر سبب ماسات سميت فوت

سن ٽائون جي اڳوڻي اقليتي ڪائونسلر بادل باگڙي جو 20 ورهين جو نوجوان فوت ٿي ويو

نوجوان ٽنڊو آدم روڊ تي ٽرالر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ ماسات سميت موقعي تي فوت ٿي ويو

فوتي نوجوان تازو انڊيا مان مائٽن وٽان گهمي وطن واپس ٿيو، آخري رسمون سن ۾ ادا ڪيون وينديون

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) سن واسي ڀيرو نوجوان ٽنڊو آدم پرسان ٽرالر جي ٽڪر سبب ماسات سميت حادثي ۾ فوت گهر ۾ ڪهرام تفصيل موجب سن ٽائون جي اڳوڻي اقليتي ڪائونسلر بادل باگڙي جو 20 ورهين جو نوجوان پٽ گوونڊا باگڙي موٽر سائيڪل تي حيدرآباد کان ٽنڊو آدم ويندي ٽنڊو آدم روڊ تي ٽرالر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ ماسات سميت موقعي تي فوت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو شهر سميت ضلعي ۾ برسات ۽ تيز هوا وارو طوفان لڳڻ ڪري نظام درهم برهم

بيٺل ڪڻڪ جي فصل کي برسات ۽ طوفان جي ڪري وڏو نقصان پهتو آهي: آبادگار اڳواڻ

دادو شهر ۾ ٿورڙي برسات ميونسپل ڪاميٽي دادو جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي آهي: شهري

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر سميت سڄي ضلعي ۾ برسات ۽ تيز هوا وارو طوفان لڳڻ ڪري پوري ضلعي ۾ بجلي جو نظام درهم برهم جڏهن ته بيٺل ڪڻڪ جي فصل کي برسات ۽ طوفان جي ڪري وڏو نقصان پهتو آهي ضلعي جي مختلف علائقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

خانواهڻ ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو، شهرين پاران احتجاجي مظاهرو

موجوده ايس ايڇ او مقرر ٿيو آهي ته ڏوهن، ڦرين ۽ چورين جون وارداتون روز جو معمول بڻيل

پوليس ڏوهارين سان هٿ ۽ پاڳي پائيوار بڻيل ۽ ڏوهارين کي ڪي ڇوٽ، وڏيرن جي ونگار جاري

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو جڏهن کان موجوده ايس ايڇ او خانواهڻ ٿاڻي تي مقرر ٿيو آهي ته ڏوهن، ڦرين ۽ چورين جون وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن. خانواهڻ پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

حلال احمر جي وفد پاران ڪمشنر شهيد بينظير آباد سان ملاقات، اهم معاملن تي ڳالهيون

سينئر ايڊووڪيٽ اشفاق احمد تگر عبدالرحيم سولنگي انجنيئر سرمد جمالي ۽ ٻين ملاقات ڪئي

جڏهن ته ملڪ تي ڏکيو وقت آيو آهي حلال احمر وارن پنهنجو پاڻ ملهائيو آهي: محمد عباس بلوچ

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) حلال احمر جي وفد جي ڪمشنر شهيد بينظير آباد محمد عباس بلوچ سان چيئرمين حلال احمر ضلعي نوشهرو فيروز سينئر ايڊووڪيٽ اشفاق احمد تگر عبدالرحيم سولنگي انجنيئر سرمد جمالي ۽ سماجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوابشاهه: ڪمشنر شهيد بينظير آباد سان حلال احمر جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ٺٽو ۽ مڪلي تان ٿيندڙ موٽر سائيڪلن جي چوري سميت بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافي ثمر حسن بيگ جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل توڙي موبائيل فونون هٿ نه اچي سگهيون

ڏوهارين کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف ايس ايس پي آفيس مڪلي آڏو صحافين پاران هڪ احتجاجي مظاهرو

پوليس چوري ٿيل موٽر سائيڪل توڙي موبائيل فونون ۽ ڪار واپس ڪرائي ناهي سگهي: ساجاهه وند

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) سينيئر صحافي مرزا ثمر حسن بيگ جي موٽرسائيڪل ۽ سينيئر صحافي مرزا حسن بيگ جي موبائل چوري خلاف ايس ايس پي ٺٽو آفيس آڏو صحافين ۽ انساني حقن جي تنظيمن جو پرامن احتجاج، پوليس کي ٻن ڏينهن جي مهلت ياد رهي ڏهه مهينا اڳ سينيئر صحافي مرزا ثمر حسن بيگ جي گهر ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل چوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو: صحافي برادري ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج ڪري رهي آهي

پيرجوڳوٺ ۽ پرياسي وارن
علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار نه
گهٽيو، پيرسن عورت زخمي

پيرجوڳوٺ (رپورٽر) پيرجوڳوٺ ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار نه گهٽيو احمدپور ۾ رولو ڪتن حملو ڪري پيرسن عورت کي ڏاڍي سخت زخمي ڪري ڇڏيو اسپتال منتقل ڪيو ويو. ڳوٺ فتح علي چانڊيو ۾ رولو ڪتن 65 سالا پيرسن عورت ليلا چانڊيو تي حملو ڪري ڏاڍي سخت زخمي ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گلشن اقبال جي صحافي ۽ سماجي اڳواڻ سعيد احمد پتوجي پاءِ جي قتل جي مذمت

سياسي سماجي اڳواڻن سميت صحافين اديبن ۽ وڪلين پاران ڏک جو اظهار ڪندي مذمت ڪئي

شيراز پتوجي پنهنجي ئي برادري جي ماڻهن هٿان قتل خلاف طارق پروين، غلام سرور ۽ ٻين تعزيت ڪئي

سنڌ اندر قبائلي جهيڙن ڏاڙيل راڄ قائم ٿيڻ پوليس جي نااهلي جو واضع ثبوت آهي: منير مگسي / عليناز گبول

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي گلشن اقبال جي صحافي ۽ سماجي اڳواڻ سعيد احمد پتو جي ننڍي پاءِ شيراز پتوجي قتل واقعي تي ڪراچي جي سياسي سماجي اڳواڻن سميت صحافين اديبن ۽ وڪلين پاران ڏک جو اظهار ڪندي سعيد احمد پتو سان سندس پاءِ جي رحلت تي تعزيت ڪندي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي سجاول جوٽيجو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي: صحافي سعيد پتوجي پاءِ جي قتل تي ساجاهه وند افسوس جو اظهار ڪري رهيا آهن

پيرجوڳوٺ ويجهو ڳوٺ جهان
خان ڪوسو ۾ نامعلوم شرپسندن
ٻهه کي باهه ڏئي ڇڏي

پيرجوڳوٺ (رپورٽر) پيرجوڳوٺ ويجهو ڳوٺ جهان خان ڪوسو ۾ نامعلوم شرپسندن آبادگار جي ٻهه جي ڪوڙي کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو، آبادگار جو لکين روپين جو نقصان ٿي ويو، ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي. ان ڏس ۾ آبادگار عبدالنبي ڪوسو اردو سنڌي ميڊيا گروپ پيرجوڳوٺ سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻڌايو ته زمين تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

تعلقي ٽنڊو غلام حيدر ۽ ان جي ننڍن وڏن شهرن ۾ عيد اچڻ باوجود وڌندڙ بدترين مهانگائي

مک بازارن سميت ٻيا ڪاروباري مرڪز خريدارن کان خالي بازارون بي رونق بڻيل، واپاري سخت پريشان

مهانگائي سبب تعلقي ٽنڊو غلام حيدر جو سمورو رهائش پذير مسڪين ماڻهو سخت پريشان آهن: شهري اڳواڻ

مک ڪاروباري بازارن ۽ ٻين ڪاروباري هنڌن تي اجا تائين ڪو به خريدار نه آيو، ايڪڙ ٻيڪڙ گراهڪ اچي ٿو: واپاري

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ: ميرحسن رند) معدني مالي وسيلن سان مالا مال تعلقي ٽنڊو غلام حيدر ۽ ان جي ننڍن وڏن شهرن موريا ڏنڊو نظرپور سميت ڪافي ٻين شهرن ۾ عيد ويجهو اچڻ باوجود وڌندڙ بدترين مهانگائي سبب شهرن جي مک بازارن سميت ٻيا ڪاروباري مرڪز خريدارن کان خالي بازارون بي رونق بڻيل. واپاري سخت پريشان. ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي عوام جا لاهه ڪڍي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪرمپور ۾ چوڪي وٽ پوليس هٿان بيدردي سان قتل ٿيل نوجوان جو ڪيس چالان

تعلقي جي عدالت ڪيس چالان ڪري جوابدارن کي جلد گرفتار ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

ايس ايڇ او شبير پيو وڏو منشي ڪريم بخش عرف ڪي بي ڏاهاڻي ننڍو منشي جهانگير چانڊيو گرفتار نه ٿيا

ڪيس تان هٿ ڪڻائڻ لاءِ زور بار وڌو ۽ ڌڙڪا ڌمڪا به ڪيا پر اسان پنهنجي موقف تان پوئتي نه هٽياسين: وارث

ڪنڌ ڪوٽ (رپورٽ غالب بلوچ) ڪرمپور ٿاڻي جي حد ماڻداڻي چوڪي وٽ اڍائي مهينا اڳ پوليس هٿان بيدردي سان شهيد ٿيل نوجوان غلام حسين جعفري جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدارن کي ٽنگوائي تعلقي جي عدالت سگهوري ڪيس چالان ڪري جوابدارن کي جلد گرفتار ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏي ان سلسلي ۾ شهيد جي وارث محمد عظيم جعفري محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 19 اپريل 2023ع

وئي ويچارن وسري خوشي ۽ خريد

رمضان شريف جو ٻهراڙو مهينو ختم ٿيڻ تي آهي. عيد الفطر ۾ باقي وڃي ڪي ڏينهن رهيا آهن. پر مهانگائي جي ڪري عام ماڻهون عيد جي خوشين ملهائڻ ڪان قاصر آهي. نه رڳ ايترو پر هن ڀيري ماڻهو عيد تي خوشي ته ٺهيو پر روزاني زندگيءَ جي باقي وقت ڪي گذارڻ جي لاءِ پريشان ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن. واپارين جي ڏانهن آهي ته اڳي رمضان جي پندرهين روزي بعد عيد جي سيزن شروع ٿي ويندي هئي پر هيل خريد ڪرڻ جي قوت گهٽ هئڻ جي ڪري بازارون ويران آهن. ماڻهو خريداري ۾ گهٽي دلچسپيءَ نه پيا وٺن. ملڪ جيان سموري سنڌ شاعري جي ان سٽ جيان ٿي وئي آهي "وئي ويچارن وسري خوشي ۽ خريد" ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان جاري آهي. اڳوڻي سرڪار کي ڏوهه ڏيندڙ هن حڪومت به مهانگائي وڌائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي. رمضان جي ٻهراڙي مهيني کي اسان وٽ عبادت ڪرڻ سان گڏ هرڪوڪمائي جو مهينو پڻ سمجهي ٿو. ان ڪري اها پراڻي روايت آهي ته هر واپاري توڙي وياج خور، ايتري تائين جي سرڪار جي ڪي ڪاتا پڻ اهوئي سمجهن ٿا ته هن مهيني ۾ سموري ڪسر پوري ڪجي. ان پس منظر ۾ هر سال ملڪ ۾ ٻهراڙي مهيني جي آمد سان عام واهپي جي شين سان گڏ ڀاڄي بڪر سميت ڦل فروٽ جون قيمتون پڻ آسمان تي پهچي وڃن ٿيون. مٿان وري سرڪار عيد ويجهي اچڻ تي پيٽرول جي قيمتن ۾ پڻ اضافو ڪري رهندو تڪليفن ۾ ورتل ماڻهن مٿان هڪ ٻيو بم پڻ ڪيرائي ڇڏيو آهي. عام ماڻهون جي زبان تي اها ڳالهه آهي ته حڪومت پيٽرول جي قيمت گهٽ ڪرڻ وقت معمولي گهٽتائي ڪري ٿي پر وڌائڻ تي اچي ٿي ته هڪ ئي ڌڪ سان وڌايل قيمتن کي برابر ڪري سموري ڪسر ڪڍي ٿي وڃي. سو هن ڀيري عيد ويجهي هئڻ تي حڪومت جي اختيارين ڏهن روپين جي اضافي سان پيٽرول جي قيمتن 272 روپين مان 282 روپين تائين پهچائي ڇڏي آهي. آءِ ايم ايف سان ڳالهيون اڃان تائين جاري آهن. پاڪستان جي مالياتي پوزيشن ڪمزور هئڻ جي ڪري عالمي اداري جو هر شرط بنا هبڪ جي قبول ڪندو پيو وڃي. جنهن جا اثر ته اڃان بعد ۾ سامهون ايندا پر هن وقت به جهڙي طرح مهانگائي غيرمعمولي طور وڌي رهي آهي. ان سان عام ماڻهو جي ڪلهن تي پوندڙ بار هاڻي ان جي ڪٺڻ کان وڌي ويو آهي. ته وري ٻئي پاسي حڪومت ۾ شامل ڌرين جي ترجيح ۾ عام ماڻهو جا مسئلا نظر ئي نه پيا اچن. هلندڙ سياسي چڪتاڻ سان ملڪ ۾ سياسي استحڪام بدران بي يقيني وڌي رهي آهي. پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جي چونڊن واري چڪتاڻ سموري ماحول تي منفي اثر ڇڏيا آهن. جنهن ڪري هر شعبي ۾ موجود تقسيم وڌي رهي آهي. ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح 47 سيڪڙو کان وڌي وئي آهي. ڊالر جي قيمت وڌڻ سان ٻاهران گهرايل اسمن جو مهانگو ٿيڻ لازمي ڳالهه آهي. زرعي ملڪ هوندي سموري ملڪ ۾ اٽي جو پيدا ٿيل بحران ختم ٿيندي ڏسڻ ۾ نٿو اچي. هر اسم قيمتن وڌڻ سان عوام وڏيڪ ڳڻتي ۾ اچي ويو آهي. حڪومت جي هڪ سال جي ڪارڪردگيءَ عام شهري کي نه رڳو مايوس پر صفا بيزار ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ آءِ ايم ايف جا شرط پورا ڪندي بجلي واهپيدارن تي اربين روپين جو واڌو بار وڌو ويو آهي. بجلي مهانگي ڪئي وئي آهي. گئس جي قيمتن ۾ پڻ اضافو ڪيو ويو آهي. مهانگائي جي آيل لهر جو سبب عالمي اداري جا ڪڙا شرط ٻڌايا پيا وڃن. پر معاشيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته اصل مسئلو ٽيڪس جي اوڳاڙي جو آهي. جيڪو هڪ وڏي عرصي کان خراب هئڻ ڪري ان کي ڪا به حڪومت سڌو ڪرڻ جي لاءِ تيار نه آهي. جنهن جو اثر ڦري ڳري غريب ۽ وچولي طبقي جي مٿان پوي ٿو. جيڪڏهن ٽيڪس نظام کي سڌاريون نه ويو ۽ ملڪ جي اشرافيا کي مليل رعايت ختم نه ڪئي وئي ته آءِ ايم ايف ڪيترو به قرض ڏئي، ملڪ جي معيشيت تي فرق نه پوندو. انگ اکرن جي هيرڦيري سان ملڪ جي اشرافيا ۽ حڪمرانن کي ايتري رعايت مليل آهي جو اها ختم ٿين ڪانسواءِ ملڪ جي معيشيت جو سڌو ٿيڻ ممڪن ئي نه آهي. عام ماڻهون جي لاءِ هن دور ۾ ٻارڻ واري قدرتي گئس، بجلي ۽ پيٽرول اهڙيون بنيادي شيون آهن. جن بنا زندگيءَ گهٽي ڏکي ٿي پوندي آهي. موجود حڪومت توڻي عالمي اداري جو به سمورو زرو به ذڪر ڪيل اسمن جي قيمتن ۾ بي رحمي سان وڌائڻ تي آهي. جنهن ڪري سموري سماج جو ڪاروهنوار به شدت سان متاثر ٿي رهيو آهي. ٻارڻ وارن انهن اسمن تي جا اڳها ۽ قيمتون انڪري وڌايون وڃن ٿيون جو انهن مان ٿي جوڳي اوڳاري ممڪن آهي. جنهن ڪري آهستي آهستي سمورو بار عوام مٿان پوي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هاڻي حياتي جو گاڏو گهلڻ انتهائي مشڪل بڻجي ويو آهي. سنڌ ۾ ڪٽڪ جي اٽي جي ڪوٽ شدت اختيار ڪري وئي آهي. جنهن جي اڳهه وڌڻ جو امڪان پنهنجي جاءِ تي پر ڪيترن ئي علائقن ۾ اهو ملڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي. اهڙن سمورن عملن ۾ مافيائون ئي ملوث هونديون آهن. پر موجوده حڪومت هن اهم مسئلي کي حل ڪري عوام کي ڪو ليف ڏيڻ جي اٽڙ سياسي معاملن تي ڌيان مرڪوز ڪري رهي آهي.
حڪومت جي ڪارڪردگيءَ مان اهو پڌرو ٿي رهيو آهي ته ملڪ جي عام ماڻهن جا مسئلا ان جي ايجنڊا جو حصو ئي ناهن. حڪومت جو ڪم ئي عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ آهي پر هي حڪومت اڃا سان ماڻهن جا مسئلا وڌي رهيا آهن. هاڻي ڪيترين ئي رپورٽون سامهون اچي ويون آهن. جن موجب اشرافيا کي ملڪي ناڻي مان ڪروڙين رپيا سبسڊي ڏني وڃي ٿي. ٻئي پاسي عام ماڻهن تي مختلف بهانن سان ٽيڪس جي مد ۾ وصولي وڌائي اجايو بار وڌو پيو وڃي. جنهن جو مطلب آهي ته حڪومت ملڪ جي خاص ماڻهن کي رعايت ڏئي رهي آهي. انهن کي فائدو ملي رهيو آهي. ان جي پيٽ ۾ غريب وڌيڪ پيڙجي رهيو آهي. جنهن سان طبقاتي فرق وڌندو پيو. بيروزگاري ۽ بدحالي وڌندي اهي مڙئي معاملا عوام جي رواجي زندگيءَ کي متاثر ڪندا. جنهن جو معاشري تي منفي اثر پوندو.
اهو درست آهي ته ملڪ کي ڏيوالي ٿيڻ کان بچائڻ جي لاءِ آءِ ايم ايف پروگرام لازمي آهي پر ان جي قيمت ادا ڪرڻ جي لاءِ غريب ماڻهو کان حياتي جو حق نه ڦريو پيو وڃي.

سول ادارن جي ختم نه ٿيندڙ جنڊا پٽ

امتياز عالم

چا ٻڌائجي، چا نه ٻڌائجي؟ ڪنهن کي ٻڌائجي؟ سمورا اختياري ۽ اقتداري جي جنگ ۾ پنهنجا اوسان خطا ڪري ويٺا آهن. آهي ڪنهن کي ڪو فڪر ته سنڌن محلاتي سازشن ۽ اداراتي وائڙپ جي ڪري ملڪ کهڙي پاتال ۾ لهندو پيو وڃي. هڪ اهڙو المياتي ۽ مزاح وارو سيريل آهي جيڪو ختم ئي نٿو ٿئي. بس نالو، صورتون ۽ تاريخ بدلجي ويا آهن. حال ۽ عمل اهي ئي آهن. رياست جو پڇ، ساڳيو ئي ٽيڙو آهي. جيڪو پهرين گورنر جنرل جي وقت هو. جيڪو ان کي سڌارڻ کان اڳ ئي پاڻ هليو ويو. ڪنهن کي ياد آهي ته هڪڙي ڀيري روئڻ آيو هو ۽ ان بعد تاريخ جي بدترين ٻوڏ ۽ ان جون ختم نه ٿيندڙ تباهيون. ڪنهن کي اهو به خيال آهي ته ضروري شين جي قيمتن ۾ اٽڪل 50 سيڪڙو واڌ ۽ عام ماڻهن جي خريداري جي قوت 40 سيڪڙو کان به گهٽ ٿيڻ سان پاڪستان جي عوام جي اڪثريت روزي روٽي جي لاءِ سڪي وئي آهي. اتي جي هڪ مفت پوري سان اوهان بک ته نٿا مٽائي سگهو. البته سموري قوم کي پنڙيات ضرور بنائي سگهو ٿا. اشرافيا ۽ حڪومتن جي درياهه دلي ڪيتري منافقي ۽ بي رحمي واري آهي ۽ اها به ٽيڪس ڏيندڙ جي رقم مان. معاشي تباهي ۽ ٻوڏ واري مسئلي بعد هاڻي ملڪ جا ادارا ڊهڻ واري رخ تي هلي پيا آهن. پر ڪنهن اصول، آئيني، قانوني شفافيت ۽ اداراتي ٽڪنڊي جي حد بندين ۾ نه آهن. صرف پاور جي لاءِ چاهي اهو شخصي هجي يا گروهي هجي يا اداراتي ۽ ان جي ڪا حد ناهي. جڏهن پاور اسٽرڪچر بابت سوچيان ٿو، ته لڳي ٿو ته پاڪستان هڪ اداراتي جاگيرن ۽ مافياز جي ڪنفيڊريشن آهي. جنهن ۾ هر ڌر ۽ ڌڙو پنهنجي مفاد ۾ خودمختيار ئي نه بلڪ ٻئي جي حد ۾ والار لاءِ تيار آهي. چارٽر آف ڊيموڪريسي جي ٿوري گهڻي اثر جي ڪري جيئن تيئن ڪري لڏندڙ لمندڙ جمهوري عمل هلندو رهيو آهي ۽ آئيني، عدالتي اجائي مداخلت جا ڌڪا کائيندو رهيو آهي. پر گورنر جنرل جي وائسرائي نوآبادياتي روايت ۾ عوام جي اقتدارجي گنجائش بس ايتري ئي آهي ته اهو ڪڏهن مقتدره نه ٿي سگهي. تنهڪري سڌي ريت مارشل لا واري نسخي جي جاءِ تي هائبرڊ نظام جو ٻج پوکيو ويو. جنهن جي لاءِ پاپولر خوبرو قومي هيرو ۽ سيليبرٽي جي هٿ ۾ تسبيح ڏئي اقتدار جي مصنوعي مسند تي براجمان ڪيو ويو. جنهن جي واڳ پوليٽڪل انجنيئرز جي هٿن ۾ هئي. پاڪستان جي هن وجاهت واري هيرو جي جمالياتي ۽ مردانگي خوبين ۽ ان جي پرتش ته برقرار رهي. پر هن وٽ وائڙپ واري تبليغ ۽ مخالفن سان بدترين سلوڪ ڪانسواءِ ڪجهه نه هو ۽ گورننس جي لاءِ وقت نه مليو. پوءِ پوليٽڪل انجنيئرز به ڪٿي بس ڪئي ۽ هڪ صفحي وارو ورد گذيل تلخي جي نذر ٿي ويو. جنئين ئي هائبرڊ نظام ڊٺو. ته سمورو پاور اسٽرڪچر اهڙو وکريو جو هائبرڊ نظام ڊوئم جي جوڙڻ تائين هٿن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. جيڪا وچوٽي پيدا ٿي ۽ آئيني ڍانچي جا ڪل پرزا ڍرا ٿيا ته يونٽي آف ڪمانڊ بيرڪن تائين محدود ٿي رهجي وئي. جنهن ڪري هر ڪوان خلا کي پرڻ جي هڻ وٺ ۾ ڪپڻ کان ٻاهر نڪري آيو. مٿان وري زخمي ٿيل پرنس محلاتي سازشن ۾ ڦهان ڪري اهڙو ڪريو جو همدري جي هڪ لهر اپري جيڪا جهڪي ٿيڻ جو نالو نه پئي وٺي. اهو مڊل ڪلاس جيڪو پاڪستان جي ڪليدي بيانيئي جو وڪيل هو. جيڪو سياست کان نفرت ڪندڙ ۽ عسڪري قوت سان محبت ڪندڙ واري نظرئي سان جوڙيل هئي. ان کي هڪ نجات ڏياريندڙ مليو ويو ۽ سياست وٺي ڊوڙ ۾. هاڻي هر پاسي گارين جو طوفان آهي. سڀ پنهنجن پنهنجن مفادن ۾ آئيني ۽ جمهوريت جا قسم کڻي ان کي دفنائڻ ۾ اڳي نڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هڪ ٻئي جا ڪپڙا لاهڻ جي ڏنڊي ۾ جنبيل آهن. ان سان جيڪو خال پيدا ٿيو ان ۾ مقتدره جي ٽن حصن. پاڪ فوج، عدليه ۽ سول سروس پنهنجو پنهنجو رستو ورتو. جمهوري طور تي لاٿل هيرو اهڙو دل لاپائيندڙ ماتم ڪيو جو هر ادارو، هر شعبو ۽ هر ڪميونٽي ورهجي وئي. پاڪ فوج جي سياست کان لاتعلقي ٿي ته سياسي پچ ڊاهجي حل جي لاءِ ميدان ۾ لٿي ته اها عدليه جنهن جي آمريت سان شرمناڪ سمجهوتن ۽ سياستدانن. جونڊل ادارن سان ٽڪراءَ جي ناقابلِ رشڪ تاريخ رهي آهي. پر ان فرق سان ته هن ڀيري جهڙيندڙ چاهتن ۽ انائن جو شڪار ٿي ڪري ٻري ريت ورهائجي وئي آهي. عدليه جي بحالي جي تحريڪ جي بدقسمت مقدر ۾ اسان کي جيڪي تحفا مليا، سي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري، ثاقب نثار ۽ گلزار احمد جي صورت ۾ مليا ۽ جن ديده دليري سان مفاد عامه جي نالي تي ٻن چونڊيل حڪومتن جو جنازو ڪڍيو ۽ آرٽيڪل 184 (3) جو استعمال ڪيو ان سان عدليه ۾ "ون مين ون رول" قائم ٿي ويو. مٿان وري ارڙهين ترميم ۾ ڏنل ججن جي مقرري جي متوازن پيماني تي، افتخار محمد چوڌري پارليامنٽ کي اوڻيهه ترميم آڻڻ تي مجبور ڪيو. ان سان عدليه مدر پدر آزاد ٿي وئي. پوءِ چا ٿيو پوسٽ پي سي او جوڊيشري اقربا پروري جي نذر ٿي وئي. جيڪو سينارٽي جو اصول ججز ڪيس ۾ جسٽس سجاد علي شاهه مقرر ڪيو هو. اهو ڪٿي ڏسڻ ٻن ۾ ڦٽو ڪيو ويو. اهڙين چيف جسٽس پنهنجي طرز جو چيف آف اسٽاف ٻڌجي ويهي رهيو. هاڻي وڏن جي ٽڙن سان گڏائي جوڙيل ڪيل شهباز شريف حڪومت چيف جسٽس جي ججن جي چونڊ ۾ پسنديدگيءَ کان ڪٿين منهن موڙي سگهي ٿي ۽ ان جي قانون واري وزير کي سينارٽي جي اصول تي قلابازي کائڻي پئي. ته ان گناهه جي سزا ملي به ته 8 رڪني بينچ پارليامينٽ جي سپريم ڪورٽ جي ضابطن بابت مسودي جي ڄمڻ کان اڳ ئي ان جو مادر جي پيٽ (پارليامينٽ) ۾ ئي ٻار ڪيرائڻ جي صورت ۾ ملي. هاڻي عدليه جي اڪثريت چيف جسٽس جي قيادت ۾ هڪ اهڙي انتظاميه ڪم ڪري رهي آهي. جنهن کي پارليامينٽ جي خودمختياري ۾ پناهه وٺڻي پئي.
سويلن ادارن ۾ جنگ جهڙي ڪيفيت آهي. مٿان ڪان وري ورهايل وڪيلن جي فوج ظفر موج آهي. جيڪا آئين جي مختلف شقن جي اهڙي گولا باري ۾ رڌل آهي. جو حيرت ۾ پيل ماڻهن کي سمجهه ۾ نٿو اچي. ته ڪير آئين جي ڪهڙي پاسي آهي. اصل مسئلو چيف جسٽس جي بلا شرڪت برادر جج صاحبان جي هڪ هٽي ۽ حڪومت جي پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي اسيمبلين جي وقت کان اڳ چونڊن ڪان فراريت.
عدالت عظميٰ سياسي ٽڪراءَ مان نڪرڻ جو ڪو مناسب ۽ قبوليت جوڳو رستو ڪڍي ها. ان جي بجاءِ سياسي جنگ جو محور ٻڌجي وئي آهي. هاڻي چيف جسٽس تقسيم ٿيل عدالت ۽ وزيراعظم جي پچ ڪٽيل پارليامينٽ سان اهڙي جنگ وڙهي رهيا آهن. جنهن ۾ ڪا به ڌر گدلي ٿيڻ بنا نٿي رهجي سگهي. معاملو رڳو چونڊن جي وقت تي اتفاق راءِ جو هو جيڪو ڌرين جي سياست جي نذر ٿي ويو. سپريم ڪورٽ جيڪڏهن انتظاميه، پارليامينٽ جي مخالفت جي باوجود 14 مئي تي پنجاب ۾ چونڊن ڪرائڻ ۾ ڪامياب به ٿي وڃي ته نتيجو فساد ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو نڪرندو؟ سويلين بالڪن جي هٿ ۾ واڳ ڪهڙو آئي جو پوري جو پورو سويلين ڍانچو ئي ڊهي ڪري پٽ پوڻ وارو آهي. شايد ڊراپ سين گهٽو پري ڪونهي بس پاڻي مٿي کان گذرڻ جو انتظار آهي. هزارون هين شڪوه ڪيا ڪيا سنائون!

ساٿَرِ صِحتَ سُپرِينَ، آهي نه آزارُ؛
مَجلسَ وِيرَ مِنو ٿئي، ڪوڙِيندي ڦَهارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ؛

سنڌ ۾ ٻيلن جي ڪٽ ۽ نون وڻن پوکڻ جي ضرورت

غلام حسين جوڻو

هر سال وانگر بهار جي موسم ايندي آهي ۽ گذري ويندي آهي. هن موسم ۾ وڻڪاري مهم تي زور ڏنو ويندو آهي ته جيئن وڌ ۾ وڌ وڻ پوکي سگهجن. وڻن پوکڻ سان رنگيني ۽ رونق پيدا ٿئي ٿي ۽ انيڪ فائدا حاصل ٿين ٿا. ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي ملڪ ۾ ٻيلي کاتي کي متعارف ڪرايو ويو آهي ته اهو کاتو وڻن جي سار سنڀال ڪري ۽ وڌ ۾ وڌ وڻ پوکي فضا کي آلودگين ۽ غلاظتن کان بچائي سگهي. اها حقيقت آهي ته، سنڌ ۾ اڳ ۾ ته ڪيترائي ٻيلا هوندا هئا جيڪي وڍجي ويا ۽ ٻيلن جي ايراضي تي بااثرن جو قبضو ٿي ويو ۽ ان ايراضي تي ٻيهر وڻ پوکجي ڪونه سگهيا آهن. جاٿايل کاتو به غير فعال ۽ غير متحرڪ بنجي ويو. ان کاتي جو عملو ته موجود آهي. پر اهو گهرويٺي سرڪاري خزاني مان پگهارون کڻي رهيو آهي. هر سال وانگر، هن سال به کاتي جي طرفان اعلان ڪيو ويو ته، وڌ ۾ وڌ وڻ پوکيا ويندا ۽ ٻيلي جي قبضي ڪيل زمين آزاد ڪرائي ويندي. پر ڪٿي به عملي ڪم نظر ڪونه آيو ۽ نه وري ڪي خاص وڻ پوکيا به ويا. صرف ڪوڙيون دعوائون ڪيون ويون. من گهڙت بيان ڏيئي اعلان ڪيا ويا. باقي سرزمين تي هڪ به نئون وڻ نظر ڪونه ٿو اچي.
هاڻ، جڏهن بهار جي مند ختم ٿي وڃي آهي. اونهاري جي گرم موسم پنهنجا پير جمايا آهن. بهار ۾ وڻ پوکڻ جو ڪم ته ڪونه ڪيو ويو. پر جيڪي وڻ يا ٻوٽا پوکيل آهن. تن کي به هٽ وٺي وڍيو پيو وڃي. اهو ڪم تيزي سان جاري و ساري آهي. وس وارا بون اختياريون خاموش آهن. اهي تماشو ڏسي رهيون آهن ته، ڪيئن سنڌ جي ٻيلن کي وڍرائي بااثر ماڻهن کي راضي ڪيو پيو وڃي. قومي تباهي ۽ نقصان جو به خيال ڪونه ٿو ڪيو وڃي. اها حالت برقرار رهي ته، اسان وٽ ٻيهر ٻيلا هرگز آباد ٿي نه سگهندا. ٻيلن جو نالو نشان ئي ڪونه رهندو. صرف سنڌ جي ٻيلن جو ذڪر ڪتابن ۾ پڙهيو ويندو. يا ڪن ساڃاهه وند شخصيتن وٽان ڪا معلومات ملندي رهندي. شال الله تعاليٰ ايئن نه ڪري.
ياد رهي ته، ٻيلا اسان جو قومي ورثو آهن. ٻيلا قومي سرمايو، ملڪيت ۽ دولت آهن. تن جي حفاظت ڪرڻ اسان سڀني جي اهم ذميواري آهي. پر هتي قصو ابتو نظر اچي ٿو اسان هٿ سان هن سرمائي کي تباهه ڪري رهيا آهيون. ان سلسلي ۾ اطلاع آهن ته، ٻيلا بچايو ڪاميٽي قاضي احمد جي ميمبرن جي گڏجاڻي ٿي آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ٻيلن جي مالڪي ۽ حفاظت نه ٿيڻ ڪري اهي تباهه ٿي رهيا آهن. ٻيلن لاءِ هي ڪارو دور هلي رهيو آهي. ٻيلا پوکيا ته ڪونه ٿا وڃن پر پوکيل ٻيلا ڪلر ڪلا ٺيڪيدارن جي ذريعي وڍيا پيا وڃن. ٻيلي کاتي جو پورو عملو، آبادگارن کان ڪٽڪ وٺڻ جي ڪم ۾ مشغول آهي. سنڌ جا سمورا ٻيلا هڪ مافيا وڍرائي رهي آهي. خاص ڪري ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ وڻن وڍڻ جو ڪم عروج تي پهتل نظر اچي ٿو. وڍيل ڪاٺ جون، روزانو گاڏيون ڀرجي رهيون آهن. ٽرالين تي ڪاٺ ڪٽيو پيو وڃي. واڍي ڪندڙن کان ڪو به پڇاڻو ڪونه ٿو ڪيو وڃي. ڪين کليل عام چوٽ ۽ اجازت مليل آهي.
سوال ٿو پيدا ٿئي ته بهار 2023ع ۾ سرڪار سگهوري ڪيترا وڻ پوکرايا انهن مان ڪيترا ضايع ٿي ويا ۽ باقي ڪهڙن وڻن جي سار سنڀال ڪئي پئي وڃي؟ ان سلسلي ۾ بظاهر ته ڏسڻ ۾ ڪجهه به ڪونه ٿو اچي. تنهن هوندي به مذڪوره سوالن جا جواب وس وارا بون اختياريون ٿي ڏيئي سگهن ٿيون. عملي ڪم جي خبر تڏهن پوندي جڏهن ٻيلو کاتو ان ڏس ۾ ڪجهه ٻڌائيندو. باقي اڪثر ڪري اهو معلوم ٿيو آهي ته، جيڪو ٻج ٻيلن جي زمينن تي پوکيو ويو هو جنهن ڪري سرڪاري بجيٽ به استعمال ڪئي وئي. اهي ٻج جڏهن زمين مان ڦٽي نڪتا ته اتي مال جي ڀيل ڪرائي وئي. هٿ سان مال چاڙي ننڍن ٻوٽن کي ضايع ڪيو ويو ڪن هنڌن تي ٽريڪٽر جا هر ڏياري، ٻيلي جو وجود ئي ختم ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي وئي آهي. مون کي اهو به معلوم ٿيو آهي ته ڪجهه مهينا اڳ ۾ سنڌ جي هڪ ٻيلي ۾ اهو حشر ٿي رهيو هو ۽ وڻن جي غير قانوني واڍي به ٿي رهي هئي. اتي ميڊيا جو هڪ نمائندو پهتو جنهن سموري صورتحال جو جائزو ورتو ۽ ان کي ڪئميرا جي اک ۾ بند ڪيو. جڏهن بااثرن ڏٺو ته، اهي تصويرون وائرل ٿينديون ته ماڻهو تنقيد جو نشانو بڻائيندا. تنهن ڪري ميڊيا جي نمائندي تي تشدد به ڪيو ويو. مارڪٽ ڪري، ڪئميرا کسي ڪيس واپس موڪليو ويو. هو جڏهن شهر پهتو، ڏاڍيون ڏانهون ڪوڪون ڪيون. پر سنڌس ڪير به ٻڌڻ وارو ڪونه هو نيٺ رڙيون ۽ احتجاج ڪندي خاموش ٿي ويو. سندس ڪو به داد ۽ فرياد ڪونه ٿيو ان جو سبب اهو هو ته، ٻيلن سان هٿ چراند ڪندڙ بااثر ٿي آهن. قانون سندن اشاري سان ٿي چرندو ۽ هلندو آهي. ورنه، اهو خاموش ٿي رهي ٿو سو مذڪوره نمائندي جي دانهن تي ڪنهن به غور ڪونه ڪيو.
اٿون انهن آبادگارن ۽ زميندارن کي جس ٿو ڏيان جو، هو پنهنجي زرعي زمينن ۾ وڻ پوکي رهيا آهن. وڻن جون هزهيون لڳايون اٿن. خاص ڪري ٻير ۽ بيد مشڪ جا وڻ پوکي رهيا آهن. ان کان علاوه نم، سرهه ۽ ٽالهي جا وڻ پوکي سنڌ جي سرزمين کي خوبصورت ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار نڀائي رهيا آهن. ان کان علاوه ميوات جا باغ پوکرائي پنهنجو گذرسفر به ڪندا وتن ۽ وڻن ۾ واڌ ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا. جڏهن ته سرڪاري ڪامورا، بااثر سياستدان ۽ وڏيرا وڻ وڍرائڻ جي ڪم ۾ تمام گهڻو اڳتي آهن.
ياد رهي ته، وڻ پوکڻ صدقئه جاريه آهي. ثواب ۽ نيڪي جو ڪم آهي. جنهن ۾، اسان کي ڀرپور نموني سان حصو وٺڻ گهرجي. وڻن مان انيڪ فائدا آهن. جتي وڻ نه آهن اتي زمين ڪنڊ رات بيابان ۽ ويران محسوس ٿئي ٿي. وڻ، اسان جي جياپي جو ذريعو آهن. وڻن جي بغير، انساندات جو زنده ۽ جيئرو رهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هن وقت کي سماج سڌارڪ شخصيتون پنهنجن ڳوٺن، پاڙن ۽ علائقن ۾ وڻ پوکڻ تي زور ڏين پيون. سندن اهڙو عمل يقينن ساراهه ۽ واکاڻ جوڳو آهي. پر اها ضرورت محسوس ٿئي ٿي ته سڄي سنڌ ۾ "ٻيلا" يا "وڻ بچايو" مهم هلائڻ گهرجي.
ان ڏس ۾ گڏجاڻيون ڪوٺايون وڃن. اجلاس ڪرايا وڃن ۽ ڪچهريون ٿين. جن ۾ عوام کي وڻن جي اهميت جي باري ۾ معلومات ڏني وڃي. ان آگاهي مهم ۾ نوجوان پڙهيل طبقي کي به پنهنجو ڪردار نڀائڻ گهرجي. اين جي اوز کي به تحرڪ ۾ اچڻ گهرجي. راڄن جي چڱن مڙسن، اسڪولن جي استادن، علماءِ ڪرام جن کي به پنهنجي حيثيت آهر، هن ڪم ۾ حصو وٺڻ کپي. مطلب ته هر طبقهِ فڪر جي ماڻهن کي هن نيڪ ڪم ۾ حصو وٺي سنڌ ڌرتي کي خوبصورت بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن. جيئن هتي رنگيني ۽ رونق پيدا ٿي سگهي.
جيڪڏهن اسان پنهنجن ٻيلن جي مالڪي نه ڪئي. هتان جي وڻن کي وڍڻ کان بچائي ڪونه سگهياسون ته پوءِ ياد رکو ته، هتي آلودگيون ۽ غلاظتون ڪڏهن به ختم ڪونه ٿينديون. بيمارين ۾ اضافو ٿيندو. هتان جي جهنگلي جيوت به محفوظ رهي ڪونه سگهندي. برساتون گهٽ پوڻ جي امڪانن کي به رد ڪري نه ٿو سگهجي. وڻن مان ملندڙ جڙي ٻوٽيون، ماکي، ڪنئور ۽ ميوات وغيره جو فقدان پيدا ٿي سگهي ٿو جلائو توڙي عمارتي ڪاٺ به دستياب ڪونه ٿي سگهندو. هر قسم جي ڪاٺ جي کوٽ پيدا ٿي سگهي ٿي. مطلب ته وڻن مان وڏا فائدا آهن. جيڪي انهن جي نه هئڻ ڪري حاصل ڪري نه ٿا سگهجن. اهي فائدا تڏهن حاصل ڪري سگهجن ٿا. جڏهن اسان وٽ وڻ جهجهي مقدار ۾ موجود هوندا. هن وقت وڻن جي جيڪا کوٽ آهي. سا، عام ماڻهو ته هرگز پوري ڪري نه ٿو سگهي.
تنهن هوندي به هر ڪو پنهنجي ذميواري محسوس ڪندي، هر سال ۾ هڪ يا ٻه وڻ پوکي انهن جي سار سنڀال ۽ پرورش ڪري هن قومي ڪم ۾ حصو وٺڻ گهرجي. ايئن ڪرڻ سان اميد ته ڪجهه خاطر خواهه نتيجا برآمد ٿي سگهن ٿا. باقي حڪومت توڙي ٻيلي کاتي جي عملي مان اها اميد نه ٿي رکي سگهجي ۽ وري پوتارن، زميندارن، وڏيرن، جاگيردارن ۽ سياستدانن مان به اها توقع رکڻ گويا ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ جي مصداق برابر ٿي هوندي. اهي ته رڳو وڻ وڍرائڻ جائين ٿا پر پوکڻ کي هر گز قبول ڪونه ڪندا.

بقايا 01

عدالتي حڪم تي اسٽيٽ بئنڪ کي فراهم ڪيل مدد جا تفصيل به شامل آهن. ناڻي واري وزارت جي رپورٽ ۾ فنڊن جي منتقلي تي قانوني بهلوئن کي به اجاگر ڪيو ويو آهي. سڀئي رپورٽون سپريم ڪورٽ رجسٽرار جي آفيس ۾ جمع ڪرايون ويون. جيڪي ججن کي چيمبرز ۾ موڪليون وينديون. واضح رهي ته سپريم ڪورٽ رقم منتقل ڪرڻ جي حڪم تي عملدرآمد رپورٽون اڄ طلب ڪيون هيون. ٻئي پاسي پنجاب ۾ 14 مئي تي چونڊن لاءِ سيڪيورٽي جي فراهمي جي معاملي تي انٽيليجنس ايجنسين جي سربراهن چيف جسٽس سميت ٻين ججن سان ملاقات ڪئي. ذريعن موجب چيف جسٽس سميت ٻين ججن ۽ انٽيليجنس ايجنسين جي سربراهن وچ ۾ ملاقات ۾ ڊي جي ملٽري آپريشنز ۽ بچاءَ وارو سيڪريٽري به شامل هئا. ذريعن جو چوڻ آهي ته گذريل ڏينهن ٿيندڙ ملاقات چيف جسٽس جي چيمبر ۾ 3 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت جاري رهي. جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس منيب اختر به چيف جسٽس جي چيمبر ۾ موجود هئا. جڏهن ته ان ملاقات ۾ ملڪي سيڪيورٽي صورتحال بابت آگاهه ڪيو ويو.

بقايا 02

ونگ يارن جاري پڌرائي موجب سزائن ۾ گهٽتائي جو اطلاق زنا، چوري، ڦر، اغوا، مالي ڏوهن ۽ قومي خزاني کي نقصان پهچائيندڙ ڏوهارين تي به نه هوندو. پڌرائي موجب سزائن ۾ گهٽتائي جو اطلاق 65 سالن کان وڌيڪ عمر جي قيدين ۽ 60 سالن کان وڌيڪ عمر جي عورت قيدين تي هوندو جيڪي هڪ ٽهائي ٽيون حصو قيد ڪاٽي چڪيون هجن. اهڙي طرح 18 سالن کان گهٽ عمر جا ماڻهو جيڪي پنهنجي هڪ ٽهائي تي سزا ڪاٽي چڪا آهن انهن تي به سزا ۾ گهٽتائي جو فيصلو لاڳو ٿيندو. صدر سزائن ۾ گهٽتائي جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 45 تحت ڏني آهي.

بقايا 03

جي خدمت ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ها. گذريل حڪومت هن اسپتال کي رديءَ جي ٽوڪري ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. هن چيو ته مون کي اڄ هتي جديد آپريشنز ڏسي خوشي ٿي رهي آهي. جنهن لاءِ مان نگران وڏي وزير محسن نقوي سميت سڀني اسٽيڪ هولڊرز کي مبارڪباد پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. سندس چوڻ هو ته ثاقب نثار غريب کي انصاف لاءِ نه سياسي دڪان چمڪائڻ لاءِ عدالت لڳائيندو هو. هو حنيف عباسي کي شڪست ڏيارڻ لاءِ شيخ رشيد جو ايجنٽ بڻجي ٽڪ ۾ ويو. وزيراعظم چيو ته ملڪ ۾ ڪا به حڪومت اچي پر تعليم ۽ صحت جي ميدان ۾ سياست جي اجازت نه هجڻ گهرجي. اڳوڻي حڪومت ٻين منصوبن وانگر اسپتالن کي به نظرانداز ڪري رکيو. عوامي خدمت، تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ سياست نه ٿيڻ گهرجي. انسانيت جي خدمت ۽ مريضن کي علاج جون سهولتون مهيا ڪرڻ تمام وڏي عبادت آهي. اسان سڀني کي گڏجي غربت، جهالت، بيروزگاري، بيماري جي خاتمي ۽ ملڪ کي قائد ۽ اقبال جو پاڪستان بڻائڻ

جي لاءِ گڏ ٿيڻ گهرجي. اهڙن خيالن جو اظهار هن راولپنڊي انسٽيٽيوٽ آف يورالوجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن جي افتتاح ڪانپوءِ ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو. ان موقعي تي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب، قومي اسيمبلي جا اڳوڻا ميمبر حنيف عباسي، ملڪ ابرار، حاجي پرويز خان، قومي اسيمبلي ميمبر طاهره اورنگزيب، راولپنڊي جو اڳوٽو ميئر سردار نسيم خان، ضياءُ الله شاهه، راجا محمد حنيف، راحت مسعود قدوسي، صحت وارو نگران صوبائي وزير ڊاڪٽر جمال ناصر ۽ راولپنڊي ميڊيڪل يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر عمر، صحت وارو صوبائي سيڪريٽري ڊاڪٽر احمد جاويد قاضي ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر موجود هئا. وزيراعظم چيو ته هن يورالوجي انسٽيٽيوٽ جو معائنو ڪيو آهي ۽ ان ڳالهه جي خوشي آهي ته ان جي پهرين مرحلي ۾ اڄ کان باقاعده طور تي مريضن جي بهترين علاج جي شروعات ٿي رهي آهي. هتي ڏني ويندڙ سهولتن سان مطمئن آهيان. رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ مريضن کي علاج مهيا ڪرڻ هڪ تمام وڏي عبادت آهي. هن اسپتال جو بنياد 2009ع ۾ رکيو ويو هو 2013ع کانپوءِ اسان ان جي لاءِ فنڊز مهيا ڪيا. هيستائين اٽڪل 5 ارب رپيا خرچ ٿي چڪا آهن. هن اسپتال کي ڏکويل انسانيت جي علاج جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ها پر اڳوڻي حڪومت باقي منصوبن وانگر هن اسپتال کي به نظرانداز ڪري رکيو پر ڪورونا دوران هن اسپتال بي پناهه خدمتون انجام ڏنيون. چو ته هتي عمارت ۽ وينٽي ليٽرز موجود هئا ۽ ڪورونا جي علاج جو هي اهم مرڪز رهيو. اهڙي طرح لاهور ۾ پاڪستان ڪڊني اينڊ ليور ٽرانسپلانٽ انسٽيٽيوٽ (پي ڪي ايل آئي) ۾ پڻ جگر ۽ گردي جي پيوندڪاري جي سوين مريضن جي علاج جو انتظام ڪيو ويو پر اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار مون تي ان معاملي ۾ 20 ارب رپيا ضايع ڪرڻ جو الزام هنيو. هو ته چنچر ۽ آچر تي به عدالتون لڳائيندو هو قوم کي چو نه ٻڌايو ته اهو پئسو ڪيئن هڙپ ڪيو ويو؟ وزيراعظم چيو ته جيڪڏهن اهي 20 ارب رپيا غرق ٿي ويا هئا ته پوءِ ڪورونا ۾ پي ڪي ايل آئي ڪورونا جي مريضن جي علاج جي لاءِ هڪ وڏو مرڪز ڪيئن بڻجي ويو هو؟ اتي 200 وينٽي ليٽرز مشينون موجود هيون ۽ ان انسٽيٽيوٽ سان ڪورونا جا مريض ڏينهن رات شفاياب ٿي رهيا هئا. هن چيو ته اسان پي ڪي ايل آئي کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. نالي وارو معالج ڊاڪٽر سعيد اختر آمريڪا مان منهنجي چوڻ تي لکين ڊالر پگهار ڇڏي مريضن جي خدمت لاءِ پاڪستان آيو هو ۽ مون ڪيس چيو هو ته گردي سان گڏوگڏ جگر جي پيوندڪاري جو به اسپتال ۾ انتظام ٿيڻ گهرجي. ان کان اڳ پنجاب حڪومت اربين رپيا خرچ ڪري گردن ۽ جگر جي مريضن کي علاج جي لاءِ هندستان ۽ چين موڪليندي هئي. وزيراعظم چيو ته پي ڪي ايل آئي ۾ چئني صوبن، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي مريضن کي پڻ مفت پيوندڪاري جي سهولت ڏني وئي آهي. پي ڪي ايل آئي جي چٽيءَ هيٺ ڪم ڪندڙ هيپاٽائيٽس جي علاج جي سينٽرز کي پڻ اتان هٽائي اڳوڻي حڪومت ٻين اسپتالن سان ڳنڍي ڇڏيو هو. هن چيو ته مسلم ليگ (ن) جي قائد ۽ اڳوڻي وزيراعظم محمد نواز شريف جي قيادت ۾ سڄي صوبي جي اسپتالن ۾ جديد سهولتون فراهم ڪيون ويون. اٽڪ، جهلم، راولپنڊي ۽ ليه سميت مختلف شهرن ۾ جديد ليبارٽريون قائم ڪيون ويون. وزيراعظم چيو ته عوامي خدمت جي ميدان ۾ سياست کي شجر ممنوع هجڻ گهرجي. ڪا به حڪومت اچي يا وڃي صحت ۽ تعليم جي شعبي ۾ سياست نه ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته اچو گڏجي ملڪ کي قائد ۽ اقبال جو پاڪستان ٺاهڻ جي لاءِ گڏ ٿي وڃون ۽ غربت، جهالت، بيروزگاري ۽ بيمارين جو خاتمو ڪريون.

بقايا 04

انويسٽ ڪري ڇڏيو هو جيڪا وڌي 17 ارب رپيا ٿي وئي. هن چيو ته ماڻهن جيڪا رقم ڏني، اها محفوظ هٿن ۾ آهي، جنهن تيزي سان اسان ڊيم جي تعمير ڪرائڻ چاهي، ان ۾ رنڊڪون پيش آيون، جيڪي نٿو ٻڌائڻ چاهيان.

بقايا 05

امتياز داخل ڪرائي آهي، جنهن ۾ صدر عارف علوي کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته عارف علوي صدر جي عهدي تي رهڻ جو اهل ناهي رهيو سپريم ڪورٽ ڪيس طوري طور عهدي تان برطرف ڪري. شهري چيو آهي ته صدر هڪ سياسي جماعت سان جڙيل ۽ جانبدار آهي، هن حڪومت جي قانون سازي کي سياسي جماعت جي چيئرمين جي چوڻ تي منظور نه ڪيو. صدر پارليامينٽ جي موڪليل سپريم ڪورٽ پروسيجر بل جي منظوري نه ڏني ۽ نيب ترميمن جي بل ۽ اسلام آباد لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ تي به صحيحن ڪان انڪار ڪيو. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته صدر جو پنهنجي آئيني ذميوارين ڪان انڪار ظاهر ڪري ٿو ته هو صدر جي عهدي تي رهڻ جو اهل ناهي، تنهن ڪري ڪيس برطرف ڪيو وڃي.

بقايا 06

سپريم ڪورٽ جي 10 سالن کان ڪا به آڊٽ نه ٿي آهي. سپريم ڪورٽ جي پرنسپل اڪائونٽنگ آفيسر کي گهرايو ويندو. پي اي سي وٽ 10 سالن کان سپريم ڪورٽ جي ڪا به آڊٽ پيرا نه آئي آهي. پي اي سي ڪجهه ڏينهن اڳ سپريم ڪورٽ جي آڊٽ رپورٽ طلب ڪئي هئي.

بقايا 07

تي مشاورت ٿي ۽ ملڪي سياسي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي عمران خان چيو ته سپريم ڪورٽ جو فيصلو نه مڃي حڪمران غلط روايت وجهي رهيا آهن. توهين عدالت تي اڳ ۾ يوسف رضا گيلاني نااهل ٿيو، هاڻ شهباز شريف پوگبيندو. پرويز الاهي چيو ته نااهل حڪمرانن کي پنهنجي هر غير آئيني قدم جو جواب ڏيڻو پوندو. شهباز شريف اقتدار سان چنبڙيل رهڻ چاهي ٿو پوءِ ڀلي ڪيس آئين چو نه ٽوڙڻو پئي.

بقايا 08

موجب 4 رڪني ڪميٽي ۾ لياقت بلوچ کان علاوه پروفيسر ابراهيم، اميرالعظيم ۽ قيصر شريف شامل هوندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته جماعت اسلامي جي ڪميٽي ٻين پارٽين جي اڳواڻن سان رابطا ۽ ملاقاتون ڪندي، سمورين سياسي پارٽين کي چونڊن جي معاملي تي ڊائيلاگ جي لاءِ قائل ڪيو ويندو. ذريعن موجب جماعت اسلامي جي ڳالهين جي ٽيم اي پي سي جي تاريخ تي به مشاورت ڪندي.

بقايا 09

بئنڪن کان هڪ ارب ڊالر ڏنا ويندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته ناڻي واري وزارت ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ فنانسنگ تي ڳالهيون جاري آهن. اختيارين آءِ ايم ايف کي درخواست ڪئي آهي ته معاهدو ٿيڻ جي صورت ۾ فنانسنگ جو بندوبست آسان ٿي ويندو. ذريعن موجب ٻيهران آءِ ايم ايف سان معاهدو ٿيندو يا ٻيو 3 ارب ڊالرن جي ضمانت گهربل آهي، ان حوالي سان آءِ ايم ايف جي جواب جو انتظار آهي. ناڻي واري وزارت جي ذريعن جو چوڻ آهي ته قرض جي منصوبي تي آءِ ايم ايف ڪان جواب جو انتظار آهي. جنيوا ۾ ڊونرز ڪانفرنس مان رقم حاصل ڪرڻ جو پلان به آءِ ايم ايف کي ڏنو ويو آهي.

بقايا 10

الائونس بجيٽ جاري ڪرڻ جي به منظوري ڏني وئي

بقايا 11

ڪري ورتي آهي. ذريعن موجب عمران خان جو اڳوڻو ويجهو ساٿي عون چوڌري به گواهه طور ڪيس ۾ شامل ٿيندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته عدالت ۾ عون چوڌري جو بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ درخواست تيار ڪئي وئي آهي. عون چوڌري سپائي پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائيندو يا عدالت ۾ پيش ٿيڻ تي درخواستگذار جو وڪيل رضوان عباسي پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائيندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته عون چوڌري سينيئر سول جج نصرمن الله بلوچ جي عدالت ۾ پيش ٿيندو

بقايا 12

خان کي عيد گهر ۾ ڪرڻ ڏيندا؟ جسٽس عاليه نيلم چيو ته اسان اهو نٿا چئون ته جاچ روڪي وڃي، ڪو ڪيس آهي ته عمران خان کي ٻڌائي ڇڏيو جنهن ۾ هو ضمانت نه ورتي آهي. عمران خان روسٽرم تي اچي چيو ته ماڻهو مون کي 50 سالن کان سڃاڻن ٿا، جسٽس باقر نجفي چيو ته اهي ڳالهيون نه ڪريو اسان اڄ توهان کان ڪجهه نئون ٻڌڻ گهرون ٿا، عمران خان چيو ته آئون چوندون چاهيان ٿو ڏڪيڙ چو چاهيندس؟ عمران خان ٻڌايو ته تصديق ٿيل اطلاع آهن ته عيد تي آپريشن ڪيو ويندو. جسٽس باقر نجفي چيو ته اسان نٿا سمجهون ته 5_6 ڏينهن ۾ اهي ڪجهه ڪندا

بقايا 13

اجلاس مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري بلديات نجم شاهه سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جي ايم ڊي سيد امتياز علي شاهه، ايڊيشنل ڪمشنرون سيد عطاالله ايڊيشنل سيڪريٽري فنانس معظم علي شاهه ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آپريشن طارق نظاماڻي، سيڪريٽري سالڊ ويسٽ نسيم الدين ميراڻي، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر فنانس دادلو ظهراڻي، پرائيوٽ ميمبر مصطفيٰ ممتاز چيف انٽرنل آڊيٽر فنانس ڊپارٽمنٽ سيد سمير ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار شريڪ هئا. بورڊ اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته گذريل بورڊ ميٽنگ جي منظوري ڪانپوءِ حيدرآباد ۽ سکر ۾ ڪمپنين مرحليوار صفائي جو ڪم شروع ڪري ڏنو آهي. جنهن تي وزير بلديات ناصر حسين شاهه چيو ته هاڻي نه رڳو شهيد بينظيرآباد ۽ ميرپورخاص ۾ پر سڄي سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ۽ ضلعي هيڊ ڪوارٽرن جن ۾ دادو، سانگهڙ، سيوهڻ شريف، خيرپور ڪي به تجزياتي رپورٽ ۾ شامل ڪيو وڃي ته جيئن انهن شهرن کي به سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو سسٽم ڏئي صفائي جي صورتحال کي بهتر ڪيو وڃي. بورڊ جي اجلاس ۾ ڪراچي جي اوڀر، اولهه، ڏکڻ ۽ ملير ضلعن لاءِ جي ٽي ايس کان لينڊفل سائيٽ آپريشن جي منظوري ڏني وئي. اجلاس جي ايجنڊا ۾ بورڊ ايڪسٽرنل آڊٽ فرم هائير ڪرڻ ۽ ضلع ڏکڻ ۾ صفائي لاءِ نئين سر ٽينڊر جاري ڪرڻ جي پڻ منظوري ڏني. ڪچري مان توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ڪمپني کي لينڊفل سائيٽ تي استعدي لاءِ جڳهه ڏيڻ وارا تڪڙا اقدام وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي. ڪانٽريڪٽ ملازمن جي پگهارن واڌ لاءِ بورڊ ايچ آر ڪميٽي کي جلد سفارشون جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته بورڊ جي گذريل اجلاس جي منظوري ڪانپوءِ هن سال اقليتي ڪميونٽي سان لاڳاپيل ٻه ملازمن کي سندن مذهبي زيارتن لاءِ موڪليو ويو بورڊ کي آگاهه ڪيو ويو ته فرنٽ اينڊ ڪليڪشن جي خانگي ڪمپني معاهدي مطابق صفائي جي ڪم لاءِ عملوپرتي ڪندي تنهنڪري ڊي ايم سيز جي سينيٽري ورڪرن، سپروائزرن ۽ ٻئي عملي کي واپس پنهنجي کاتي موڪليو ويندو ته جيئن ڊي ايم سيز ۾ عملي جي کوٽ کي بهتر ڪري سگهجي.

بقايا 14

ڪي ٻيهر طلب ڪرڻ جو نوٽيس به پي ٽي آءِ لاهور آفيس ۾ مليو آهي. نوٽيس اسسٽنٽ فنانس مئنيجر پي ٽي آءِ نويد اسلم وصول ڪيو جنهن ۾ اسد عمر کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو 27 اپريل تي ايف آءِ اي آفيس لاهور ۾ جي آءِ ٽي اڳو پيش ٿي پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي. ايف آءِ اي اختيارين موجب اسد عمر کي 14 اپريل تي پيش نه ٿيڻ تي ٻيهر طلبي نوٽيس جاري ڪيو ويو هو پر 14 اپريل تي پيش ٿيڻ بدران اسد عمر لڪٽ ۾ جواب موڪلي ڇڏيو ايف آءِ اي ذريعن موجب اسد عمر جو جواب اطمينان بخش نه هو ڪيس ٻيهر طلب ڪيو ويو آهي.

بقايا 15

جوهي، ميهڙ ڪي اين شاهه، فيض گنج ۽ گمبٽ ۾ برسات پئي آهي. ڪوٽڙي ڪبير، جام صاحب، نصير آباد، محرابپور ۽ هگورجا سوڍو ۾ پاسي وسڪارو ٿيو آهي. خيرپور، ٺٽو مستي، ڪرونڊي، ٺٽو مير علي، سيوهڻ ۽ ميرو خان ۾ وسڪارو ٿيو سنڌ جي سياحتي ماڳ گورک هل اسٽيشن سوڍو ڪاڇي جي مختلف علائقن ۾ گجگوڙ سان برسات پئي، جڏهن ته ڪيرٿر جابلو پٽي تي وسڪاري بعد نئن گاج 5 فٽ وهي آئي، ڪاڇي جي ڪيترن ئي ڳوٺن جا لنگهه پاڻي هيٺ اچي ويا. برسات بعد موسم خوشگوار ٿي وئي آهي

بقايا 16

آمريڪي سينيٽر لنزي گراهم ملاقات ڪئي جنهن ۾ نيتن ياهو چيو ته سعودي عرب سان معمول جا لاڳاپا ۽ امن چاهيون ٿا، پر لاڳاپن کي عرب اسرائيل تڪرار جي خاتمي طرف وڏي قدم طور ڏسون ٿا. ان ڪانسواءِ ايران جي اڳوڻي بادشاهه جو جلاوطن پٽ رضا پهلوي هن هفتي اسرائيل جو دورو ڪندو. اسرائيلي حڪومت جو چوڻ آهي ته جمهوري ايران پنهنجي عرب پاڙيسرين ۽ اسرائيل سان لاڳاپن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

بقايا 17

هئي. جوابدار سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ احتساب عدالت جي فيصلي کي چئلينج ڪندي ضمانت جي استدعا ڪئي هئي.

بقايا 18

ڪئي، هي ماڻهو مهانگائي جو سبب آهن، هن 2 ڪروڙ ماڻهن کي غربت جي لڪير ڪان به هيٺ ڪري ڇڏيو مريم اورنگزيب چيو ته آءِ ايم ايف معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري ملڪ کي ڏيوالي جي ڪناري تي پهچايو ميڊيا تي حملا ڪيا، دهشتگردن کي واپس آندو ۽ پرڏيهي پاليسي تباهه ڪئي. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان جي اونداهي دور جون چند جهلڪيون تاريخ ۾ محفوظ آهن. سندس دور ۾ قوم ارگسل ۽ طيبه گل جهڙن متاثرن کي وزيراعظم هائوس ۽ قيد ڪيو ويو سڌ سماءِ واري وفاقي وزير چيو ته هزاره ۽ ساهيوال جي متاثرن کي انصاف نه مليو عمران خان چيو ته انهن سان بليڪ ميل نه ٿيندي.

بقايا 19

ڏنيون وڃن آهن. هو ان کان اڳ وزير صفران جا فرض به سرانجام ڏئي رهيا هئا.

بقايا 20

ڇڏيو علي امين گنڊاپور کي دهشتگردي توڙ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. دهشتگردي توڙ عدالت اي ٽي اي جي 7 شقن کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو اسپيشل جج ڪيس سيشن ڪورٽ منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ان کان اڳ پوليس علي امين گنڊاپور جي وڌيڪ 14 ڏينهن جي ريمانڊ تي عدالت کي استدعا ڪئي هئي. علي امين گنڊاپور جي وڪيل درخواست ڪئي ته ڪيس جي عام عدالت ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. دهشتگردي توڙ عدالت فيصلو محفوظ ڪري ورتو

بقايا 21

وڪيل عدالت ۾ درخواست ڏيندي چيو ته احتساب عدالت ۾ هڪ سال تائين جج مقرر نه هو تنهنڪري اسان خلاف ريفرنس هلي نه سگهيو آهي ريفرنس ۾ ڪو به ڪاغذات شاهدين نه آهن. عدالت ۾ آغا سراج دراني جي وڪيل چيو ته جنهن ملڪيت تي ريفرنس ٺاهيو ويو آهي اها ملڪيت آغا سراج

دراني جي وڏن جي آهي عدالت چيو ته هڪ سال کان ڪيس چو ته هليو آهي گذريل ٻڌڻي تي ريفرنس جا ثبوت ۽ رپورٽون طلب ڪيون ويون هيئون ثبوت ڪٿي آهن نيب طرفان ثبوت پيش نه ڪرڻ تي عدالت نيب تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو نيب طرفان رپورٽ پيش ڪرائڻ لاءِ عدالت کان مهلت طلب ڪري ورتي عدالت چيو ته هي آخري مهلت آهي ايندڙ ٻڌڻي تي نيب رپورٽ پيش نه ڪئي ته عدالت پنهنجو فيصلو ڏيندي عدالت ريفرنس جي ايندڙ ٻڌڻي 9 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آغا سراج دراني جي سپريم ڪورٽ ۽ احتساب عدالت مان ضمانت رد ٿيڻ ڪان پوءِ ڪان پوءِ ٿي ۽ سب جيل ۾ آهي. اسپيڪر هائوس کي گهرو ڪاٽي باران سب جيل قرار ڏنو ويو آهي آغا سراج دراني جي ضمانت واري درخواست سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي

بقايا 22

جي تقريب کي خطاب ڪندي خالد مقبول صديقي چيو ته ڪراچي ۾ مستحقن جو تعداد ايترو آهي جيترو شهر جي آبادي کي مردم شماري ۾ پلاٽ ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته ڪراچي ۾ تيزيءَ سان شهري ٿي رهيو آهي. تنهن ڪري، هن شهر کي صحيح ڳڻپ ڪرڻ جي ضرورت آهي. خالد مقبول چيو ته آدمشماري ۾ ڪراچي کي هميشه هڪ فارمولي تحت پوئتي ڌڪيو ويو ڪراچي کي هاڻي ڪنهن فارمولي تحت پوئتي نه ٿو رکي سگهجي.

بقايا 23

ڇڏيو آهي. عدالت پنهنجي رمارڪس ۾ چيو جانورن کي چڙيا گهر ۾ رکڻ سزاموت جي مترادف آهي. درخواستگذار رداظفر پنهنجي موقف ۾ چيو ته جيڪا جانورن چڙياگهر ۾ آهن هنن جا لائسنس نه آهن. جانورن کي رکڻ جي لاءِ پهرين وائلڊلائف کاتي جي اجازت ضروري هوندي آهي. عدالت ۾ سيڪريٽري وائلڊلائف جو انڪشاف آهي ته ڪي ايم سي ۽ ڊي ايم سي اجازت نه ورتي آهي. عدالت چيو ته اجازت نه ورتي تي پوءِ اجازت ڪنهن ڏني آهي. ڪاٿوهن جي خلاف ڪا ڪاروائي ڪئي آهي. وائلڊ ڪاتو چيو ته تفيصلن جي اچڻ کان پوءِ ڪاروائي ڪئي ويندي. عدالت 17 مئي جو وائلڊلائف کاتي کان تفيصلان کي طلب ڪرڻ جي مهلت ڏني آهي.

بقايا 24

روزاني شين جي قيمتن ۾ واڌ سبب ماهوار بجيٽ ۾ گذاري ڪي مشڪل قرار ڏيندي چيو ته سمجهه ۾ نٿو اچي ته رڪارڊ مهانگائي سبب خرچ ڪيئن پورا ڪريون. 7 سيڪڙو ماڻهن جي ايتڙ راءِ ڏني ۽ چيو ته ڪا به پريشاني نه آهي. جڏهن ته 2 سيڪڙو ان سوال جو ڪو به جواب نه ڏنو 7 هزار کان 15 هزار روپيه ڪمائيندڙ 91 سيڪڙو، 15 مان 30 هزار روپيه ڪمائيندڙ 03 سيڪڙو جڏهن ته 30 هزار روپيهن ڪان وڌيڪ ماهوار آمدني رکندڙ 96 سيڪڙو ماڻهن ماهوار بجيٽ ۾ گذاري کي مشڪل قرار ڏئي ڇڏيو ۽ خرچ پورا ڪرڻ جي لاءِ پريشان هجڻ جو ٻڌايو محدود بجيٽ ۾ گذارو ڪرڻ ۾ ناڪامي جو اقرار ڪندڙن ۾ 90 سيڪڙو ڪان وڌيڪ پنهنجي آمدني 7 هزار ڪان 30 هزار روپين جي وچ ۾ ٻڌائي.

بقايا 25

شاهه سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جي ايم ڊي سيد امتياز علي شاهه، ايڊيشنل ڪمشنر ون سيد عطاالله ايڊيشنل سيڪريٽري فنانس معظم علي شاهه ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آپريشن طارق نظاماڻي، سيڪريٽري سالڊ ويسٽ نسيم الدين ميراڻي، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر فنانس دادلو ظهراڻي، پرائيوٽ ميمبر مصطفيٰ ممتاز چيف انٽرنل آڊيٽر فنانس ڊپارٽمنٽ سيد سمير ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار شريڪ هئا. بورڊ اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته گذريل بورڊ ميٽنگ جي منظوري ڪانپوءِ حيدرآباد ۽ سکر ۾ ڪمپنين مرحليوار صفائي جو ڪم شروع ڪري ڏنو آهي. جنهن تي وزير بلديات ناصر حسين شاهه چيو ته هاڻي نه رڳو شهيد بينظيرآباد ۽ ميرپورخاص ۾ پر سڄي سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ۽ ضلعي هيڊ ڪوارٽرن جن ۾ دادو، سانگهڙ، سيوهڻ شريف، خيرپور کي به تجزياتي رپورٽ ۾ شامل ڪيو وڃي ته

جيئن انهن شهرن کي به سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو سسٽم ڏئي صفائي جي صورتحال کي بهتر ڪيو وڃي. بورڊ جي اجلاس ۾ ڪراچي جي اوڀر، اولهه، ڏکڻ ۽ ملير ضلعن لاءِ جي ٽي ايس کان لينڊفل سائيٽ آپريشن جي منظوري ڏني وئي. اجلاس جي ايجنڊا ۾ بورڊ ايڪسٽرنل آڊٽ فرم هائير ڪرڻ ۽ ضلع ڏکڻ ۾ صفائي لاءِ نئين سر ٽينڊر جاري ڪرڻ جي پڻ منظوري ڏني. ڪچري مان توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ڪمپني کي لينڊفل سائيٽ تي استعدي لاءِ جڳهه ڏيڻ وارا تڪڙا اقدام وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي. ڪانٽريڪٽ ملازمن جي پگهارن واڌ لاءِ بورڊ ايچ آر ڪميٽي کي جلد سفارشون جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته بورڊ جي گذريل اجلاس جي منظوري ڪان پوءِ هن سال اقليتي ڪميونٽي سان لاڳاپيل ٻه ملازمن کي سندن مذهبي زيارتن لاءِ موڪليو ويو بورڊ کي آگاهه ڪيو ويو ته فرنٽ اينڊ ڪليڪشن جي خانگي ڪمپني معاهدي مطابق صفائي جي ڪم لاءِ عملوپرتي ڪندي تنهنڪري ڊي ايم سيز جي سينيٽري ورڪرن، سپروائزرن ۽ ٻئي عملي کي واپس پنهنجي کاتي موڪليو ويندو ته جيئن ڊي ايم سيز ۾ عملي جي کوٽ کي بهتر ڪري سگهجي.

بقايا 26

جعلي نمبر پليٽ، يونيفارم ۽ ٻيا دستاويز هٿ ڪري ورتا. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار گاڏي تي جعلي نمبر پليٽ لڳائي پاڻ کي آرمي جو آفيسر سڏائيندو هو جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 27

ٿي ته پاڪستاني آمريڪن ڪميونٽي پنهنجي وطن بابت ڪيترو فڪرمند آهي جو سندن ملڪ ترقي ڪري ۽ اتي جمهوريت ترقي ڪري. سندس چوڻ هو ته ڊيموڪريٽس ۽ ريپبليڪن ڪانگريس ميمبر آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن تي خط لکي زور وجهي رهيا آهن ته آمريڪا پاڪستان تي دٻاءُ وجهي ته اسلام آباد انهن ئي جمهوري قدرن جو احترام ڪري جيڪي آمريڪا کي عزيز آهن. انهن قدرن ۾ اظهار جي آزادي، ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي آزادي ۽ سڀ کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو حق شامل آهي. اليسا سلوٽڪن چيو ته هوڻڻ ته ڊيموڪريٽس ۽ ريپبليڪن ميمبر گهڻين شين تي اختلاف رکن ٿا پر جلد اها سڀ خبر ملندي ته ان ڏس ۾ مطالبو ڪرڻ لاءِ ٻنهي جماعتن جا ميمبر هڪ آواز آهن.

بقايا 28

چوڻ هو ته ڳالهين جي فوري طور تي بحالي جي حمايت ڪريون ٿا. هن ٻنهي فون ڪالز تي "ٻنهي رياستن جي حل" تي عمل درآمد جي بنياد تي امن ڳالهين تي چيني موقف

تي زور ڏنو ياد رهي ته چين تازو ئي سفارتڪاري جي ميدان ۾ ٽياڪڙي جو ڪردار ادا ڪندي ايران ۽ سعودي عرب وچ ۾ لاڳاپن جي بحالي لاءِ بنيادي ڪردار ادا ڪيو هو

بقايا 29

ميڊيا موجب ان واقعي تي ردعمل ڏيندي آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن چيو ته اهو عمل انتهائي غير ذميوارانو ۽ غير محفوظ آهي. ميڊيا رپورٽن موجب سوڊان ۾ مخالف گروهن وچ ۾ خطرناڪ جهڙپون جاري آهن جتي ان کان اڳ راڄڌاني خرطوم ۾ موجود يورپي سفير ايدن اوهارا جي گهر تي به حملو ڪيو ويو هو. آئرش پرڏيهي وزير جو چوڻ هو ته خرطوم ۾ موجود گهر تي ٿيل [illegible] 185 [illegible] 1800 [illegible]

بقايا 30

[illegible]

بقايا 31

جزوي نظر ايندو. سج گرهڻ 20 اپريل تي [illegible] 6 وڳي 34 منٽ تي [illegible] 7 وڳي 37 منٽ [illegible] 11 وڳي [illegible] 2023ع [illegible] 29 آڪٽوبر [illegible] 15 ڏينهن [illegible]

بقايا سنڌيار 01

ڪاروائي برامو قرار تفصيل موجب بدين پوليس پنهنجي ٽي تيار ڪيل برامي تحت 15 کان وڌيڪ موبائيلن ۾ سوار ٿي بدين شهر جي بس اسٽاپ واري علائقي ۾ ڪيترن سالن کان پوليس جي سرپرستي ۾ هلندڙ آچار ملاح ۽ صديق پوپري جي منشيات جي اڏي تي چڙهائي ڪري ايڪسيويٽر مشينن سان انهن منشيات فروشن جا ڏاڪ ڊاهي پٽ ڪرڻ سان گڏ اتي غريب پورهيتن جا گهر به ايڪسيويٽر مشينن ذريعي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا هن موقعي تي سوين شهري گڏ ٿي ويا جيڪي پوليس جي ڪاروائي ڏسندا رهيا جڏهن ته منشيات فروشن جي ڏاڪن جي پرسان عام ماڻهن جي گهرن جون ديوارون مشينن ذريعي ڪيرائڻ تي سوين عورتون ۽ مرد گهرن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ پوليس جي ڪارروائي جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙ عورتن مردن کي حد جي ڪائونسلر نور محمد ملاح سمجهائي واپس گهرن ڏانهن روانو ڪيو ۽ هن موقعي تي نور محمد ملاح صحافين کي ٻڌايو ته ٻه ڏينهن اڳ شهر جي هڪ گهٽڪا ڊان جي دڪان ۽ گدام تان گهٽڪا منشيات هٿ اچڻ ڪانپوءِ ڪيل احتجاج ۾ اڳواڻن طرفان مطالبي تحت هي ڪاروائي عمل ۾ آڻي غريبن جا گهر ڊاهيا ويا آهن هن چيو ته هي ڪاروائي هڪ سياسي ماڻهو جي فرمائش تي ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي آهي جڏهن ته گهرن جي تلاشي ۾ هڪ ريٽي جي به منشيات برآمد نه ٿي سگهي آهي هن چيو ته هو پارٽي قيادت کي هن ظلم کان آگاهه ڪندو علائقي واسين صحافين کي ٻڌايو ته منشيات فروشن کي اڳواٽ ئي هوشيار ڪيو ويو هو جن ڪالهه کان سموري منشيات هتان کان ٻئي پاسي منتقل ڪري ڇڏي ۽ پاڻ غائب ٿي ويا بدين جا صحافي رپورٽنگ لاءِ پهتا ته بدين پوليس صحافين کي ان علائقي ۾ وڃڻ ۽ رپورٽنگ ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

بقايا سنڌيار 02

تي سردار عاشق علي زنئور، سعيد سومرو، ظهير چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻي ڪندڙ اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ سنڌ توڙي وفاقي حڪومت کي ڇتي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته جيڪي پاڻ کي آئين، جمهوريت ۽ انساني حقن جا چئمپين سڏائن ٿا انهن پي ٽي آءِ ۽ عمران خان جي دشمني ۾ آئين، جمهوريت، انساني حقن ۽ ملڪ جي عوامي راءِ کي دفن ڪري رهيا آهن ان سبب هو چور دروازي کان اقتدار ۾ رهڻ چاهين ٿا ان ڪري زرداري مافيا سميت پي ڊي ايم ۾ شامل لوڙ چوٽدن کان خوفزده آهن هن چيو ته اسين آئين جي بالادستي لاءِ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سان گڏ آهيون ۽ مطالبو ٿا ڪريون ته سيد علي زيدي سميت سڄي ملڪ ۾ گرفتار پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي جلد آزاد ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

ظاهر ڪري آفر آرڊر ڏنا وڃن تفصيل : تعلقه اوٻاوڙو جي آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن پاران سيٽون لڪائڻ ۽ گهٽ سيٽون ظاهر ڪرڻ خلاف عيدالفطر ڪانپوءِ احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان اوٻاوڙو تعلقي جي 40 کان مٿي مارڪون کڻندڙ وننگ اميدوارن گلنواز سولنگي ، قابل تبسم ، سيد ڪليم حيدر شاهه ،جهانگير سمون، نعيم مهر صمد حسين رند، عبدالرئوف سولنگي، سعيد سومرو ،علي گل ڪٽو ،اصغر چاچڙ ۽ ٻين خالي سيٽون ظاهر نه ڪرڻ خلاف عيدالفطر ڪانپوءِ فوري احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته تازو اوٻاوڙو ۾ ڪيترائي استاد رٽائرڊ ٿيا آهن. ڪيترن ئي استادن جا PST کان HST ۾ پروموشن ٿيا آهن 45 کان 50 پي ايس ٽي استادن جي اي ايس ٽي ۾ جوائننگ ڏئي ڇڏي آهي جيڪي پوسٽون ظاهر نه ڪيون ويون آهن جيڪا تعلقي اوٻاوڙي جي اميدوارن سان ناانصافي آهي جنهن سبب اميدوارن ۾ بيچيني واري صورتحال ڇانيل آهي. هنن مطالبو ڪندي چيو ته ڊائريڪٽر سيڪنڊري، پرائمري، ڊي اي او سيڪنڊري ،پرائمري کي گهرجي ته جلد کان جلد رهيل سيٽون ظاهر ڪري سيڪريٽري جي هدايتن تحت اميدوارن کي آفر آرڊر ڏيئي سندن بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ ڀرپور تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا سنڌيار 04

آهن. عيد سر تي آهي اسان کي اسان جو جائز حق فوري طور تي ڏنو وڃي. استادن جون صحافين سان ڳالهيون. تفصيل موجب سب ڊويزن لاڏي ۾ آدمشماري جي ڊيوٽي سر انجام ڏيندڙ 400 کان وڌيڪ استادن کي اڃا تائين ڪنوينس الائونس سميت اجرت نه ملي سگهي آهي. ان سلسلي ۾ ڪاشف لاشاري. نويد مشتاق. تنوير احمد. سعيد بٽالوي. حسن قيوم . لبنا. مسرت. سيما. زاهدا ۽ ثنا سميت ڪيترن ئي استادن اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي استادن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي سيني ضلعن ۾ آدمشماري جي ڊيوٽي سر انجام ڏيندڙ استادن کي پئسا ملي ويا آهن پر اسان اڃان تائين رولڙي جو شڪار آهيون. اسان سخت ڏکيائين کي منهن ڏيندي آدمشماري جي ڊيوٽي قومي فرض سمجهي ادا ڪئي آهي. اسان سيڪيورٽي جي لاءِ بار بار لکيو پر سيڪيورٽي به نه ڏني وئي. اسان مان ڪيترائي استاد اهڙا آهن جن کي سال کان پگهارون به نه مليون آهن. عيد به اچ سياٽي تي اچي پهتي آهي. هنن الزام هنيو ته ڊپٽي ڪمشنر چيو آهي ته اوهان کي جلد اوهان جي اجرت ڏني ويندي جيڪا اسسٽنٽ ڪمشنر ضياءَ الدين ادا ڪندو. سندن چوڻ هو ته ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته جنهن اڪائونٽ ۾ آدمشماري ۾ ڊيوٽي ڪندڙ استادن جا پئسا اچڻا آهن اهو اڪائونٽ ئي غير فعال آهي. اسسٽنٽ ڪمشنر جي لاپرواهي سبب اسان کي وقت ڪنوينس الائونس سميت اجرت نه ملي سگهي آهي. ڪنوينس جا پئسا اڳواٽ نه ملڻ سبب اسان ڳاٽي پڳا قرض کڻي به ڊيوٽي سر انجام ڏني آهي. هنن مطالبو ڪيو ته اسان استادن جي هن مسئلي کي سنجيدگي سان وٺندي فوري طور تي حل ڪيو وڃي جيئن استادن جي بي چيني ختم ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 05

مغيري جي ٻوڏ متاثر ڳوٺاڻن سڪندر مغيري ،رسول بخش مغيري، صالح محمد مغيري، نيڪ محمد، پوڙهو خان. ۽ ٻين معصوم ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ٻوڏ سبب اسان جو ڳوٺ مڪمل طور ٻڏي تباهه ٿي ويو اسان جا ڪچا پڪا درجنين گهر ڪري پٽ پئجي ويا گهرن ۾ پيل سمورو سامان ٻوڏ ۾ لڙهي ويو چوپايو مال مري ويو گذريل ست مهينن کان بي گهر بڻجي کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهيون اسان جي ڳوٺ کي امدادي سرگرمين ۾ مڪمل طور نظر انداز ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته اسان بار بار ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص توڙي تڪ جي چونڊيل نمائندن کي شڪايتون ڪيون آهن ان باوجود اسان جي ڳوٺ ۾ اڃان تائين ڪا به سرڪاري امداد نه ڏني وئي آهي نه ئي ڪو اين جي اوز اسان جي ڳوٺ ۾ اچي اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي هنن چيو ته اسان جي ڀرپاسي جي ٻين ڳوٺن ۾ مختلف اين جي اوز ٻوڏ متاثرن کي پڪا گهر ٺاهي ڏيڻ سان گڏ راشن گهريلو سامان توڙي چوپايو مال ڏي پئي پر اسان جي ڳوٺ کي امدادي سرگرمين ۾ نظرانداز ڪري اسان سان ظلم ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته ٻوڏ ۾ تباهه ٿيڻ بعد سخت پريشان ٿيل آهيون هنن سنڌ سرڪار ۽ ضلعي انتظاميا ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي واهر ڪري مدد ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 06

آهن ته عيد الفطر جي موقعي تي اوور لوڊنگ ڪندڙ مسافرن ۽ گاڏين کان وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪرڻ خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته عيدالفطر جي موقعي تي موٽر وي پوليس جي آفيسرن سان ملاقاتون پڻ ڪيون پيون وڃن. عيد جي موقعي تي مسافرن کي سموريون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. اوور لوڊنگ ۽ وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي. هر گاڏي ۾ ٻه ڊرائيور هجڻ کي يقيني بڻايو وڃي. ٻئي طرف ڊ آءِ جي جاويد علي مهر آفيسرن کي سخت هدايتون ڏنيون آهن ته عيد الفطر جي موقعي تي عيد ملهائڻ لاءِ پنهنجن گهرن ڏانهن ويندڙ ماڻهن کي مڪمل مدد فراهم ڪئي وڃي ۽ اهڙين گاڏين کي اوور لوڊنگ کان پاسو ڪيو وڃي. وڌيڪ ڀاڙو واپس ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي ته سندن ڊرائيورن جا لائسنس ۽ گاڏين جا روٽ پرمٽ رد ڪيا وڃن ۽ سخت ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو وڃي ۽ مسافرن کي اضافي ڀاڙا واپس ڪيا وڃن. موٽروي پوليس جي ترجمان موجب موٽروي پوليس پاران ٽال پلازه ۽ ٻين چيڪنگ پوائنٽس تي اوور لوڊنگ گاڏين ۽ مسافرن کان وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪرڻ وارن کي چيڪ ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 07

۾ ضلعي ۾ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ جوڙيل ڪميٽي جي ڇهين اجلاس جي صدارت ڪري رهيو هو. هن چيو ته اسان سماجي ڀلائي واري اين جي اوز FGRF دعوت اسلامي، هيلپنگ هينڊ ۽ UNIOM جا شڪر گذار آهيون. جن ضلعي انتظاميا جي مدد ڪئي ته جيئن ضلعي مان بچيل پاڻي نيڪال ڪري متاثرن جي بحالي، لاءِ راشن فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وئي ۽ خيما، مڇردانيون ۽ ٻيون شيون فراهم ڪيون اسڪارپ ايريگيشن کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ضلعي ۾ قائم سمورن پمپنگ اسٽيشنن کي ڪم جي حالت ۾ رکيو وڃي ۽ ذاتي طور تي سمورن پمپنگ اسٽيشنن جو دورو ڪيو وڃي. هن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ضلعي ۾ قائم سمورن ڊرينيج ڊسپوزل کي فعال ڪيو وڃي ۽ سمورن اسٽيشنن جي رپورٽ تيار ڪري ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ پيش ڪئي وڃي ته جيئن قائم ڪيل ڊرينيج اسڪيمن جو پاڻ سروي ڪري رپورٽ فراهم ڪئي وڃي. اعلي عدليه کي آگاهي ڏيڻ ۾ مدد ملي. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (2) سيد عمار حسين، ايريگيشن آبپاشي کاتي، ايڪسين اسڪارپ ايريگيشن، ايڪسين پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ايڪسين سيپڪو ۽ هيلپنگ هينڊ جي نمائندن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 08

آفتاب مغل جي مقرري ڪانپوءِ شهر گندگي جي ور چڙهي ويو. هن سلسلي ۾ پير جو ڳوٺ جي سماجي تنظيمن باک . سوشل واچ. سماج سڌارڪ جي اڳواڻن علي احمد. نور محمد پنهيار، اڪبر علي سيال، صدورو لانگا . هارون شاهه، اويس شاهه، رحمان سيال ۽ ٻين ڊارا ڊار احتجاج ڪندي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته آفتاب مغل کي پير جو ڳوٺ ميونسپل ڪاميٽي جو ايڊمنسٽريٽر بڻائي شهر جي صفائي جي بجيٽ 100 فيصد ڪرپشن جي نظر ڪئي پئي وڃي، هنن چيو ته آفتاب مغل پنهنجي ڪرپٽ ساٿاري ٽيم سان گڏجي ڪچرو کڻندڙ گاڏين جو پيٽرول وڪرو ڪيو پيو وڃي. صفائي عملي کي ويڙا تي ڇڏيو پيو وڃي. اسٽريٽ لائيٽ جا ڪوڙا بل ٺاهي ڪرپشن جي نظر ڪيا پيا وڃن. مظاهرين چيو ته پير جو ڳوٺ شهر جي بازارن . مک چوڪن .چوراهن سميت شهر جي گهٽي گهٽي ۾ " ڪچرو پيل آهي. جنهن جون ڪيترا ڀيرا شڪايتون ڪرڻ باوجود آفتاب مغل جي ڪن تي جوءِ به نه چري، جنهن ڪري مجبور ٿي ميڊيا آڏو پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي، مظاهرين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ڪرپٽ ترين ايڊمنسٽريٽر آفتاب مغل کي هٽائي شهر بچايو وڃي. ٻي صورت عيد بعد احتجاجي تحريڪ کي وسيع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 09

خريدڻ کان به قاصر بڻجي ويا آهن. ان سلسلي ۾ مختلف علائقن کان علاج لاءِ سول اسپتال مڪلي ايندڙ ڪيترن ئي مريضن توڙي انهن جي وارثن دانهيندي چيو ته جڏهن کان سول اسپتال مڪلي سميت ٻين سرڪاري اسپتالن جا انتظام صحت کاتي کان وٺي مرف اين جي اوز حوالي ڪيا ويا آهن. تڏهن کان اسپتالن ۾ دوائن جي سخت ڪوٽ پيدا ٿيل آهي. جنهن ڪري سموريون دوائون، سرجون، ڊپون وغير مريض پرائيويٽ اسٽورن تان خريد ڪري لڳرائڻ تي مجبور بڻيل آهن. ڏهئي طرف اسپتالن جي وڏي ايندڙ بجيٽ به هڙپ ڪئي پئي وڃي. جنهن جي ڪاٿو انڪوائري نٿي ٿئي. هنن چيو ته هڪ طرف مهانگائي ۾ اضافو ٿيڻ ڪري دوائون به 100 سيڪڙو مهانگيون ڪيون ويون آهن. جيڪي غريب ماڻهن جي خريدڻ جي وس جي ڳالهه ناهي، جيڪي غريب مريض علاج ڪرائڻ لاءِ اچن ٿا اهي پئسا نه هجڻ ڪري علاج به پنهنجو نٿا ڪرائي سگهن. هنن انڪشاف ڪندي چيو ته مرف پاران 60 سال عمر کان وڌيڪ جا ڊاڪٽر به مختلف اسپتالن ۾ مقرر ڪري ڇڏيا آهن. جن پاران ڪجهه وقت اڳ ٻوهارا جي رهواسي معصوم ٻارڙي رياض علي سومرو کي ٽانگ ڏنگي وڌو هو جنهن کي ساڪرو اسپتال آندو ويو. جتي ٽانگ جي زهرختم ڪرڻ جي انجيڪشن موجود هوندي به نه لڳائي وئي ۽ ڪيس ڪراچي موڪليو ويو. جيڪو فوت ٿي ويو هنن چيو ته مرف اين جي اوز پاران اهڙن ڊاڪٽرن کي رکڻ مان عوام کي ڪهڙو فائدو آهي. جيڪي جان بچائڻ بجاءِ جان جا ٿي ويري بڻجي وڃن ٿا. هنن وزير اعلي سنڌ، صحت کاتي جي صوبائي وزير سميت سمورن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته سمورين سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي ڪوٽ ختم ڪري سرڪاري اسپتالون مرف اين جي اوز کان واپس وٺي سرڪاري نگراني ۾ هلائي 60 سالن جي عمر کان وڌيڪ ڊاڪٽرن ۽ ٻئي عملي کي هٽائي عوام کي صحت جون سموريون مفت سهولتون مهيا ڪري سندن جانيون بچائي غريب ماڻهن کي پرائيويٽ اسٽورن تان دوائون خريدڻ کان بچائي ڪين رليف مهيا ڪيو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 10

۽ سينيئر صحافي مرزا حسن بيگ جو سرڪاري موبائيل فون. ممتاز جوکيو جي ڪار چوري ٿيڻ ڪانپوءِ ايس ايس پي آفيس ٺٽو جي سامهون انٽرنيشنل هيومن رائٽس جي اڳواڻ الطاف ٽيو. سيد شير علي شاهه ڪاظمي ـ برائيٽ فيوچر ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي صدر ذوالفقار ساٿي. صحافي اي بي شورو. صحافي منظور خاصخيلي. صحافي ممتاز جوکيو مرزا اڪبر حسن بيگ مرزا حسن بيگ مرزا ثمر بيگ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هڪ پرامن احتجاج ڪيو ويو صحافين ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته 27 رمضان المبارڪ هجڻ جي ڪري تمام مختصر احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو آهي. جيڪڏهن عيد کان اڳ چوري جو سامان نه مليو ته نه رڳو ضلعي سطح تي پر پاڪستان سطح تي به احتجاج ڪيو ويندو. هنن چيو ته چوري جي ذميوار موجوده پوليس ٿي آهي. خاص ڪري ايس ايچ او ٺٽو آهي جيڪو هٿ سان چورين ڪرائي رهيو لڳي ۾ چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي سمورو ضلعو بدامني جي ور چڙهيل آهي جڏهن ته پوليس پاران خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪيو پيو وڃي

بقايا سنڌيار 11

زخمي عورت کي وارثن پيرجوڳوٺ اسپتال منتقل ڪيو آهي ان سلسلي ۾ زخمي پيرسن عورت جي وارث اردو سنڌي ميڊيا گروپ پيرجوڳوٺ کي تفصيل ڏيندي ٻڌايو ته ٽائون ڪاميٽي احمدپور ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي جنهن ڪري ماڻهن جو گهرن کان نڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي جنهن کان وڌيڪ رولو ڪتن حملو ڪري پيرسن امڙ کي ڏاڙهي وڌو آهي رڙين تي ٻارڙي وارن ڀڄي ڇڏائي ورتو جڏهن ته احمدپور اسپتال ۾ ويڪسين پڻ اڻلڀ آهي رولو ڪتن جي آزار سبب سخت پريشان آهيون پر ٽائون ڪاميٽي احمدپور جي انتظاميا رولو ڪتن جي مهم شروع ناهي ڪئي ۽ هر مهيني لکين رپين جي بجيٽ ڪاغذي ڪارروائي ڪري هڙپ ڪئي وڃي ٿي هن اعلي اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 12

جمن جعفري محمد امين جعفري ۽ ٻين رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته شهيد جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدارن ايس ايچ او شبير پيو وڏو منشي ڪريم بخش عرف ڪي بي ڏاهاڻي ننڍو منشي جهانگير چانڊيو جيڪي مک جوابدار آهن تن کي پوليس گرفتار نه ڪيو جنهن بعد اسان عدالت سکوري ۾ پٽيشن داخل ڪرائي هئي جنهن بعد اڄ عدالت سکوري ڪيس چالان ڪري جوابدارن کي جلد گرفتار ڪرڻ جو پڻ حڪم جاري ڪيو آهي هنن چيو ته اسان جي نوجوان کي بنا ڪنهن ڏوهه جي گولين جو کاڄ بڻائي ڪوڙو مقابلو ظاهر ڪيو ويو جيڪو ڪوڙو ثابت ٿيو شهيد جي وارثن چيو ته جوابدارن ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ اسان مٿان زور بار وڌو ۽ ڌڙڪا ڌمڪيون به ڪيا پر اسان پنهنجي موقف تان پوئتي نه هٽياسين جوابدارن کي مقامي سياستدانن جو هٿ آهي جيڪي پوليس لاءِ به چيلنج بڻيل آهن پر اسان کي عدالت سکوري مان انصاف جي اميد آهي شهيد جي وارثن چيو ته عيد ويجهو اچي چڪي آهي معصوم ٻارڙا پنهنجي بابا کي ياد ڪري ڏينهن رات روئي پنهنجي اکين جا نير سڪائي ويٺا آهن ۽ ظالمن اسان جون خوشيون ڪسي اسان جي گهر ۾ سوگ وارو ماحول ڏئي ڇڏيو پر اسان ڪڏهن مايوس نه ٿيا آهيون نه وري ٿينداسين جيستائين جوابدارن کي گرفتار ڪرائي ڦاهي نه چاڙهيو ويندو تيستائين اسان سک سان نه ويهنداسين اسان ايس ايس پي شبير سيٺار کي اپيل ڪيون ٿا ته جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 13

ڇڏيا. غريب مزدور ۽ پورهيت طبقو عيد خريداري کان محروم. ملڪ ۾ وڌندڙ سخت گير مهانگائي سبب تعلقي ٽنڊو غلام حيدر جو سمورو رهائش پذير مسڪين ماڻهو سخت پريشان ٿيل آهي. جڏهن ته عيد اچڻ کي باقي چند ڏينهن بچيا آهن. پر ٽنڊو غلام حيدر ۽ ان جي ڀرپاسي وارن شهرن جي مين مک ڪاروباري بازارن. ۽ ٻين ڪاروباري هنڌن تي اڃا تائين ڪو خريدار نه آيو ايڪڙ ٻيڪڙ گراهڪ اچي ٿو. اهو به مهانگائي سبب فقط اگهه پڇي واپس هليو وڃي ٿو ان سلسلي ۾ ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف شهرن اندر بازارن ۾ واپارين دڪاندارن ۽ ٻين عوامي پريس ڪلب جي صحافين سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته وفاقي توڙي صوبائي حڪومتون غريب ماڻهن کي رليف ڏيڻ بجائي عوام کي مهانگائي جا بار بار بدترين تحفا ڏنا آهن. هنن چيو ته گذريل سال جي رمضان المبارڪ ۾ 50 سيڪڙو ڪاروبار ٿيو. پر هن سال پي ڊي ايم حڪومت عوام مٿان مهانگائي جو اهڙو ته بم ڪيرايو آهي. عوام سڪتي ۾ اچي ويو آهي. عيد کي باقي ڪجهه ڏينهن بچيا آهن. پر شهرن جي بازارن ۾ اڃا تائين ڪو خريدار نٿو اچي. هنن وفاقي توڙي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي عوام کي عيد تي خصوصي طور سبسڊي ڏئي ڪين جيئڻ جو حق ڏنو وڃي. ته جيئن عوام عيد جهڙين خوشين ۾ شامل ٿي سگهي. آهي

بقايا سنڌيار 14

اڳواڻ محمد سليم سيال جي اڳواڻيءَ ۾ ملاقات برسات متاثرين جي امداد لاءِ ڪيل ڪم بابت ڳالهه ٻولهه ٿي ڪمشنر غلام عباس بلوچ هلال احمر جي ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪيل رات ڏينهن خدمت کي ساراهيو هن چيو ته جڏهن به ملڪ تي ڏکيو وقت آيو آهي هلال احمر وارن پنهنجو پاڻ ملهائيو آ توهان جي ڪيل ڪم جي جيتري به تعريف ڪجي گهٽ آهي آهي الله تعلي توهان اجر ڏيندو ان موقعي تي هلال احمر جي وفد ڪمشنر جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا سنڌيار 15

بيل 5 سئو من ڀهه جي کوڙي کي نامعلوم شرپسندن باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي جنهن سبب لکين رپين جو نقصان ٿي ويو آهي هن چيو ته اسان جي ڪنهن سان ڪا دشمني ناهي شرپسندن ڀهه کي باهه ڏئي وڏو ظلم ڪيو آهي جڏهن ته اهڙو اطلاع احمدپور پوليس کي بروقت ڏنو ويو آهي پر پوليس اڃا تائين واقعي هنڌ ناهي پهتي آبادگار ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري ٿيل نقصان جوازالو ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 16

ڌوهارين سان ٻٽ ۽ ڀاڳي پائيوار بڻيل ۽ ڌوهارين کي ڪي چوٽ، وڏيرن جي ونگارو. غريبن، شريفن ۽ مسڪينن لاءِ عذاب بڻيل. تفصيل موجب اڄ ڏينهن ڏٺي جوءِ نامعلوم چور شاهي بازار خانواهڻ مان ڏينهن ڏٺي جو امام الدين جلبائي جي اليڪٽرڪ جي دوڪان تان به موٽرسائيڪل سوار نامعلوم چور بيٽري چورائي فرار ٿي رهيا هئا ته دوڪاندارن ۽ شهرين پنهنجي مدد پاڻ تحت مڙسي ڪري امام بارگاهه جي سامهون ٻنهي چورن کي پڪڙي سوگهو ڪري ورتو باقي خانواهڻ پوليس ته ڪوهوٽو نه ٻاريو. مجرمل ماڻهن چورن کي ناهوڪو سنڪو ڪنڪو ڏئي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو.

بقايا سنڌيار 17

تعلقي جي ڳوٺ عرضي پتو ۾ گلشن اقبال جي ڪراچي صحافي سماجي اڳواڻ سعيد احمد پتو جي ننڍي ڀاءُ شيراز پتو جي پنهنجي ئي برادري جي ماڻهن هٿان قتل واقعي تي ڪراچي جي سياسي اڳواڻن- پ پ جي ليڊيز اڳواڻ طارق پروين. پاڪستان مسلم ليگ ن صوبي سنڌ جي نائب صدر غلام سرور - جماعت اسلامي جي حماد پتو .ايس يو پي جي منير مگسي ـ ڊاڪٽر علينواز گبول. سماجي اڳواڻ علي بابا پنهوار . علي ڏنو ٿاتوري. اديبن ۽ وڪيلن فاروق احمد گورڙ. جمشيد زهراڻي. ۽ صحافين فاروق احمد بنگوار. دلدار سيلرو. باغي ساگر پنهوار ـ عمران ميزان. غوث ٻگهيو. عبدالجبار چانڊيو .جعفر گوپانگ ۽ ٻين مذمت ڪندي قاتلن جي فوري طور گرفتاري جو مطالبو آهي جڏهن ته هنن صحافي سعيد احمد پتو سان سندس ڀاءُ جي وڇوڙي تي تعزيت ڪندي گهري ڏک جو اظهار پڻ ڪيو آهي سياسي سماجي اڳواڻن وڪيلن قلم ڌڻين چيو ته سنڌ اندر قبائلي جهيڙن ڏاڍيل راڄ قائم ٿيڻ پوليس جي نااهلي جو واضع ثبوت آهي هنن چيو ته صحافي سعيد احمد پتو جي ڀاءُ شيراز کي گهر جي درواڙي تي زهرتن قتل ڪيو ويو آهي هنن آءِ جي سنڌ پوليس .ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو .ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان گهر ڪئي آهي ته صحافي جي گهرو نوجوان ڀاءُ جي قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سموري سنڌ اندر قلم ڌڻين ۽ شعور رکندڙن طرفان احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 18

۾ ڳوڙي سان پڻ برسات پوڻ جا اطلاع مليا آهن دادو شهر ۾ ٿوري برسات ميونسپل ڪاميٽي دادو جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي گندي پاڻي جون نيڪال وارين ناليون رستن تي اٿلي پيون ۽ دادو شهر مان برسات پوڻ شرط بجلي غائب رهي ڪيترن هنڌن تي بجلي جون تارون پولن مان ٽٽي پوڻ جا پڻ اطلاع مليا آهن

بقايا سنڌيار 19

ٿي ويو جنهن جي اطلاع تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي نوجوان تازو انڊيا مان مائٽن وٽان گهمي وطن واپس ٿيو هو سندس آخري رسمون سن ۾ ادا ڪيون وينديون جڏهن ته هڪ فوتي نوجوان ٽنڊو آدم جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي

بقايا سنڌيار 20

ڳوٺ چاپردين ۾ غيرقانوني ڪيل اڏاوت ختم ڪري ڇڏي، سمترا منجياڻي ۽ پريس ڪلب تي ويٺل معززين ۽ ڳوٺاڻن جي سامهون اي سي چاچرو غيرقانوني اڏاوتون ختم ڪيون- ڳوٺ ۾ پوليس پڪٽ قائم ڪير به اڳرائي ڪندو انتظاميا ايڪشن وٺندي.

بقايا سنڌيار 21

جي نورڪلوئي، آڪاش پتافي، عبدالقيوم ٽالپر ٻين جي اڳواڻي ۾ نئون ڪوٽ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي شاگردن چيو ته نئونڪوٽ جو علائقو گذريل سال جي ٻوڏ سبب وڌيڪ متاثر ٿيو آهي جتي جا ماڻهو اڃا ۽ اڃهي جي لاءِ پريشان آهن. انهن کان اهڙي صورتحال ۾ اسڪولي فيس وصول ڪرڻ زيادتي آهي. هنن چيو ته سيف جي اسڪولن ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ پورهيت طبقي سان تعلق رکندڙ شاگرد پڙهن ٿا ۽ هو ايترين ڳريون فيسون نه ٿا ادا ڪري سگهن. هنن مطالبو ڪيو ته فيسون ختم ڪري شاگردن مان بي چيني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 22

ريلوي اسٽيشن روڊ تي پراڻي وقت جون تمام ڏگهي سطح جون بينل 3 ڪجيون هڪ ٿي وقت طوفاني هوا ۽ بارش دوران اوچتو ڪري پيون نتيجي ۾ رستي تان ويندڙ ڪارگورڪشا ۽ موٽر سائيڪل ڪچين هيٺان اچي ويا جنهن ڪري موٽر سائيڪل سوار 14 ورهين جونينگر شعيب رند ۽ هڪ عورت پڻ زخمي ٿي پيا جن کي راڻيپور اسپتال نيو ويو جتان ڪينس اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندن اعلاج جاري هيو جڏهن ڪارگورڪشا جو ڊرائيور معجزاتي طور بچي شهرين پهچي پنهنجي مدد پاڻ ڪجيءَ جو ملبو هٽائڻ جي ڪوشش ڪري هٽايو آخري اطلاع تائين زخمي نينگر جي حالت ڳنڀير جوڳي ٻڌائي وئي.

بقايا سنڌيار 23

۽ ٽنڊا دڪاندار خريداري نه ٿيڻ ڪري پريشان آهن. گهاري شهر جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته ملڪ ۾ حڪمران ايتري ته مهنگائي ڪئي آهي جو راشن جي پورت نٿي ٿئي ته ٻچن لاءِ عيد جي خريداري ڪٿان ڪريون هڪ شي وٺون ٿا نه ٻي رهجي ويندي آهي هڪ پاسي حڪومت پيٽرول جا اگهه وڌائي ڇڏيا آهن ته ٻئي پاسي عيد جي خريداري ۾ عوام پريشان آهي دڪاندارن جو چوڻ آهي ته پوئين سال مهنگائي ضرور هئي پر پوءِ به عوام خريد فروخت ڪئي هئي پر هن سال عام ماڻهن ڪپڙن پنهنجا نٿو وٺي ننڍڙن ٻارن جا وٺي ٿو ۽ چار ٻار آهن ته ٻن کي چپل وٺي ڏئي ٿو ته ڪپڙا رهجو وڃن عام ماڻهو بازار ۾ اچي ٿي ته صرف راشن جي دڪان تي خريداري ڪئي ٿي باقي عيد جي خريداري لاءِ عام ماڻهو نٿو اچي هتي جي واپاري اڳواڻ پونداس ٽيڪياڻي ۽ عبدالحميد عمراڻي چيو ته حڪومت کي گهرجي ته عام ماڻهون کي رليف ڏيڻ لاءِ مهنگائي گهٽ ڪن واپاري ايسوسيئيشن طرفان مسلسل لڳل بچت بازار مان گهاري شهر جي عوام تمام گهڻو فائدو وٺي رهي آهي پر حڪومت کي گهرجي عام ماڻهن جي زندگي آسان ڪرڻ لاءِ مهنگائي گهٽ ڪري.

بقايا سنڌيار 24

دوست مطلب بنگالي پسٽل جي فائر سان حاجي کي زخمي ڪري وڌو .فائر ٺڪ جي آواز تي ڳوٺاڻن پهچي حاجي جي وارثن کي اطلاع ڪيو . ڳوٺاڻن جي پهچڻ تي حملو ڪندڙ جوابدار فرار ٿي ويا هئا . بعد ۾ وارث زخمي حاجي کي انڊس اسپتال ڪٿائي وڃي رهيا هئا ته نوجوان رستي ۾ دم ڏئي حوالي ڪيو. بدين پوليس اطلاع تي واردات واري هنڌ پهتي ۽ معلومات وٺڻ بعد گولاڙجي پرسان هڪ جاءِ تي چاهو هٿي جوابدار مطلب بنگالي کي گرفتار ڪري ورتو ۽ قتل ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيار پڻ هٿ ڪيو آهي. ذريعن ٻڌايو ته فوتي ۽ قتل ۾ ملوث مطلب بنگالي پاڻ ۾ دوست آهن . گذريل رات دڙي فارم تي گڏجي ڪچهري ڪيائون. ڪچهري دوران شراب پيئڻ بعد ڪنهن ڳالهه تان اٽڪي پيا ۽ جوابدار پسٽل جا فائر ڪري سندس حاجي کي زخمي ڪري وڌو ۽ هڪ نه معلوم دوست سان گڏ موٽر سائيڪل تي چڙهي موقعي تان فرار ٿي ويو . ماڊل ٿاڻي بدين جي پوليس موجب نوجوان جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو آهي جيئن ئي وارث ڪيس داخل ڪرائڻ ايندا ته ايف آءِ آر داخل ڪرائي ويندي

بقايا سنڌيار 25

نوجوان واحد بخش ڀلڪائي جي جنگجي ريڙهي جو سامهون ايندڙ تيز رفتار ٽرالر سان زور دار ٽڪر ٿي پيو ۽ ٽرالر ريڙهي جي مٿان چڙهي ويو ٽڪر جي نتيجي ۾ رڪشا ڊرائيور پنجتيهن ورهين جو نوجوان واحد بخش ڀلڪائي تڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٽرالر ڊرائيور ٽرالر ڇڏي موقعي تان فرار ٿي ويو روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل نوجوان جي سڃاڻپ ڀرپاسي جي ڳوٺاڻن ڪري ڇڏي آهي فوتي جو مڙهه آسپاس ۾ بيٺل ماڻهن ڪنڊڪوٽ جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي ٻئي پاسي حد جي پوليس واقعي جي اين سي داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي

بقايا سنڌيار 26

پيڪينگ مشينون. 3 ڪلو پسيل چورو سوپاري، 2 ڪنڊريپڻي، 200 سئو پيڪٽ گٽڪا ماوا هٿ ڪري گرفتار توڙي فرار ٿيل گٽڪا فروشن خلاف مڪلي ٿاڻي تي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري فرار ٿيل گٽڪا فروشن جي گرفتاري لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري ڪندي ايس ايڇ او مڪلي اصغر علي شاهه ۽ پوليس پوسٽ جنگشاهي جي انچارج شوڪت علي درس چيو ته منشيات فروش توڙي ڌڙهاري ڪيترا به بااثر ڇو نه هجن پر هو قانون کان ڪڏهن به بچي ڪو نه سگهندا. سندن مڪمل خاتمي تائين سندن ڪارروايون جاري رهنديون.

بقايا سنڌيار 27

مان لهندڙ تيغاڻي برادري جي هڪ جٿي عبدالرشيد تيغاڻي کي يرغمال بڻائي اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو آهي واضح رهي ته هڪ هفتو اڳ تيغاڻي برادري جي هٿيارٻندن ميرواهه واري علائقي ۾ ڪاهه ڪندي غوثو اوڳاهي کان هٿيارن جي زور تي چوپايو مال/ست ڍور ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا جنهن ڪانپوءِ اڄ اوڳاهي برادري جي ماڻهن ٻلاند ۾ رستي ويندڙ عبدالرشيد تيغاڻي کي يرغمال بڻائي ڪيس ڪٿي اڻڄاتل هنڌ گم ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ٻنهي ڌرين ۾ چڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي ۽ خونريزي جا امڪان وڌي ويا آهن

بقايا سنڌيار 28

مدد ڪرڻ تي ڪوهستان جي سماجي اڳواڻ ڪوهستاني محمد انور جاڪرو کي به موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. هنن چيو ته هڪ طرف سندن ڪير مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جيڪو سائن همدردي ڪري ٿو ته انهن کي بااثر ماڻهن پاران نقصان ڏيڻ توڙي ڪين ڪوڙن ڪيس ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. جيڪو عمل مذمت جوڳو آهي. هنن وس وارن کان انصاف جو مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته سندن اباڻي زمينن تي ٿيندڙ قبضا خالي ڪرائي سندن زمينون وڪرو ڪندڙن توڙي سندن همدردن کي نقصان جون ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪاروائي ڪري سندن ملڪيتون سندن حوالي ڪرڻ سميت ڪوهستاني ٻئي جي مختلف ڳوٺن جي رهواسي معذور، بي پهچ ماڻهن سوڙ بيواهه عورتن جي مدد ڪري ڪئي وڃي. جيئن هو به اسان سان عيد خوشين ۾ شامل ٿي سگهن.

بقايا سنڌيار 29

ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ مستحق گهراڻن ۾ گهر گهر وڃي راشن پهچايو جڏهن ته سات فلاحي تنظيم تعلقه صدر حاجي شاهنواز رند فرضان علي رند سماجي ورڪر مختيار علي رند مقامي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسانجو منشور ٿي اهو آهي ته انسانيت جي خدمت ڪرڻ جڏهن ته هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اسان انسانيت جي خدمت عبادت سمجهي ڪندا آهيون هن ڳالهه ٿوڙ مهانگائي سبب غريب غريب ماڻهو خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن جڏهن ته اسان جي ڪوشش اها رهي آهي ته هميشه بيوس لاچار بيسهارا ماڻهن جي مدد لاءِ اڳتي اچون فلحال اسانجي ڪوشش آهي ته هي عيد غريبن سان گڏجي ڪريون جيئن ته ڪو غريب گهراڻو عيد جي خوشين مان رهجي نه وڃي جڏهن ته هن يزيدي دور ۾ غريب پورهيت پنج سئو روپيا ڏهاڙي ڪڻڻ وارو پنهنجي پيٽ ۾ ٿي قابو هوندو ته عيد جون خوشيون ڪٿان ڪري سگهندو

بقايا سنڌيار 30

.ٽرڪ ڊرائيورن تي روپ وڃهي رشوت اوڳاڙي ڪرڻ لڳا سول سوسائٽي ۽ شهرين کي پنهي هٿن سان ڦرڻ ۽ جعلي سرڪاري نمبر لڳائي گندا گردي ڪندڙ فوڊ کاتي جي ڪرپٽ ڪامورن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو ضلعي انتظاميه بااثر فوڊ کاتي عملدارن اڳيان بي وس نظر اچڻ لڳي آهي.

بقايا سنڌيار 31

جادو مائنر. قاضي احمد مائنر. سجاول ڊسٽري. پهپو مائينر. ڪڏهر ڊسٽري. لڪمير مائنر. جام ڏاهري مائنر. سڪرند ڊسٽري. چوٽي رڻ مائنر 22 اپريل تائين صبح جو 6 وڳي تائين بند رهندا جڏهن گروپ 2 مان نڪرندڙ راهب شاهه ڊسٽري. چنيسر مائنر. وريام مائنر. جان محمد مائنر. جمال شاهه ڊسٽري. مير رڪن مائنر. ڪهڪات مائنر. ٽالهي مائنر. دليل ديرو مائنر. شهباز مائنر. باڻو مائنر ۽ زرداري مائنر پڻ 22 اپريل کان 30 اپريل تائين صبح 6 وڳي تائين بند رهندا.

بقايا سنڌيار 32

۽ ڊي ايڇ او نوشهروفيروز ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پدعيدن رورل هيلٿ سينٽر پدعيدن ۾ ليبر روم 24 اور جو افتتاح ڪيو آهي اميد آهي ته پدعيدن جي عوام کي فائدو پوندو هن وقت تمام گهڻي پدعيدن رورل هيلٿ سينٽر جي او پي ڊي آهي اسپتال ۾ جن شعبن جي ڪوٽ آهي اها تمام جلد پوري ڪئي ويندي ۽ پدعيدن جي عوام کي فائدو ڏنو ويندو ٻئي پاسي آيل مهمانن کي ايم ايس ڊاڪٽر مبين راجپوت اي ايم ايس ڊاڪٽر عبدالغفور آرائين ۽ پيرا ميڊيڪل سپوٽنگ اسٽاف هم خيال گروپ جي مرڪزي اڳواڻ مير اعجاز راجپر ۽ اسٽاف طرفان سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍايا ويا، ٻئي پاسي نيشنل پريس ڪلب پدعيدن جي سرپرست اعلي وقار ابراهيم راجپر. شمس الدين سيال. افتخار علي ۽ ٻين مطالبو ڪيو ته پدعيدن ۾ رورل هيلٿ سينٽر جي او پي ڊي 600 کان مٿي جي آهي جنهن ۾ اسان وٽ ٻارن جو ڊاڪٽر نه آهي ۽ ڊينٽل ڊاڪٽر به نه آهي ۽ اسپتال تمام وڏي آهي جنهن هڪ ايمبولنس آهي ٻئي به ايمبولنس ڏني وڃي ۽ دوائن جي ڪوٽ پوري ڪئي وڃي ٻئي پاسي ڊي سي نوشهروفيروز ۽ ڊي ايڇ او نوشهروفيروز چيو ته پدعيدن اسپتال ۾ ڊاڪٽر اسٽاف ۽ دوائن جي ڪوٽ جلد پوري ڪئي ويندي ۽ غريب عوام کي رليف ڏنو ويندو

بقايا سنڌيار 33

ٽنڊو غلام علي شهر ويجهو سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ سيد سخي شاهه ديوانو سلطان هاشمي جي ساليانو 791 هين جي ساليانو عرس مبارڪ جو ڏهاڙو صوفيائي سماءُ جي رسمن سان ادا ڪيو ويو. جنهن ۾ هزارين مريدن درگاهه تي اچي حاضري ڀري پنهنجي سماءُ لاءِ درگاهه جي اڱڻ ۾ ويهي دعا جي رسم ۾ شريڪ ٿا . ان موقعي تي درگاهه جي سنيالينڊ فقير دلشاد علي مستانو دلبر ۽ ولي عهد فقير علي رضا مومن علي درگاهه تي چادر چاڙهي رسمن جو افتتاح ڪيو جنهن جي بعد صوفيائي سماءُ جي رسم ادا ڪئي وئي، درگاهه جي اڱڻ ۾ نعت خواني ، مولود شريف ۾ سنڌ جي نالي وارن نعت خوانن ۽ مولودين پنهنجي ڳائڪي سان مولود ۽ نعت پيش ڪري محفل ۾ مريدن. عقيدتمندن تي سڪون طاري ڪري ڇڏيو، درگاهه جي اڱڻ ۾ منعقد ڪيل ڏهاڙي واري تقريب ۾ درگاهه جي سنيالينڊ فقير دلشاد علي مستانو دلبر مريدن عقيدتمندن کي مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌ سڄي سرهاڻ آهي . جنهن ۾ اولياءَ اڪرام صوفي درويشن جي ڪري سنڌ ۾ نفرتن بجاءِ محبت ڀائيچاري ۽ مذهبي ڪٽنبٽي کي ڇڏي ڪري انسان دوستي جي تصور کي پنهنجو مقصد بڻايو ويو آهي . سنڌ جا رهواسي هندو مسلم پنهنجي عقيدن جي تحت رسمون ادا ڪري پنهنجا مذهبي ڏهاڙا ۽ تهوار ڪندا آهن جنهن ۾ ڪو به فرق نه رکيو ويندو آهي. سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ سخي شاهه ديوانو سلطان هاشمي 791 سال اڳ هن علائقي ۾ حقوق العباد جا اجتماع سماع ڪري عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي جنهن ۾ سندس سنڌ ۽ هند جي اندر لکين مريد اڄ به سندس فڪر اعظم کي روحانيت جو درس سمجهي پرچار ڪري رهيا آهن . درگاهه جي اڱڻ ۾ دعا جي رسم جي دوران پاڪستان ۽ سنڌ جي عوام جي مٿان موجوده وقت مهانگائي جي طوفان توڙي عوام جي اجتماعي مفادن جي بهتري خوشحالي لاءِ دعا گهري وئي جنهن ۾ رب ڏٺي کان دعا جي رسم ۾ ملڪ جي اندر جلد بهتري اچڻ . عوام کي ڏکئي دور مان نجات ملڻ سان گڏ سنڌ ۽ پاڪستان جي حفاظت لاءِ دعا گهري وئي ته ڏکيو وقت گذري وڃي عوام سک جو ساهه کڻي سگهي. ملڪ تي حڪمراني ڪرڻ وارا عوام جي ڏکن سورن کي سمجهي عوام جا مسئلا حل ڪري سگهن ته جيئن عوام پريشانين مان هميشه لاءِ نجات حاصل ڪري سگهي.

بقايا سنڌيار 34

ٽريلر چڙهي ويو نتيجي ۾ عورت فوت فوتي عورت کي تعلقي اسپتال پهچايو ويو جتي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته زخمي معصوم نيائي کي فسٽ ايڊ ڏئي وڌي علاج لاءِ ريفر ڪيو ويو. ٻئي طرف پوليس بروقت ٽريلر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن ته ڊرائيور فرار ٿي ويو هو ڏانهن رهواسي ڳوٺ سومار ملاح جا ٻڌايا پيا وڃن

بقايا سنڌيار 35

ڪاروائي برامو قرار تفصيل موجب بدين پوليس پنهنجي ٽي تيار ڪيل برامي تحت 15 کان وڌيڪ موبائيلن ۾ سوار ٿي بدين شهر جي بس اسٽاپ واري علائقي ۾ ڪيترن سالن کان پوليس جي سرپرستي ۾ هلندڙ آچار ملاح ۽ صديق پوپري جي منشيات جي اڏي تي چڙهائي ڪري ايڪسيويٽر مشينن سان انهن منشيات فروشن جا ڏاڪ ڊاهي پٽ ڪرڻ سان گڏ اتي غريب پورهيتن جا گهر به ايڪسيويٽر مشينن ذريعي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا هن موقعي تي سوين شهري گڏ ٿي ويا جيڪي پوليس جي ڪاروائي ڏسندا رهيا جڏهن ته منشيات فروشن جي ڏاڪن جي پرسان عام ماڻهن جي گهرن جون ديوارون مشينن ذريعي ڪيرائڻ تي سوين عورتون ۽ مرد گهرن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ پوليس جي ڪارروائي جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙ عورتن مردن کي حد جي ڪائونسلر نور محمد ملاح سمجهائي واپس گهرن ڏانهن روانو ڪيو ۽ هن موقعي تي نور محمد ملاح صحافين کي ٻڌايو ته ٻه ڏينهن اڳ شهر جي هڪ گهٽڪا ڊان جي دڪان ۽ گدام تان گهٽڪا منشيات هٿ اچڻ ڪانپوءِ ڪيل احتجاج ۾ اڳواڻن طرفان مطالبي تحت هي ڪاروائي عمل ۾ آڻي غريبن جا گهر ڊاهيا ويا آهن هن چيو ته هي ڪاروائي هڪ سياسي ماڻهو جي فرمائش تي ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي آهي جڏهن ته گهرن جي تلاشي ۾ هڪ ريٽي جي به منشيات برآمد نه ٿي سگهي آهي هن چيو ته هو پارٽي قيادت کي هن ظلم کان آگاهه ڪندو علائقي واسين صحافين کي ٻڌايو ته منشيات فروشن کي اڳواٽ ئي هوشيار ڪيو ويو هو جن ڪالهه کان سموري منشيات هتان کان ٻئي پاسي منتقل ڪري ڇڏي ۽ پاڻ غائب ٿي ويا بدين جا صحافي رپورٽنگ لاءِ پهتا ته بدين پوليس صحافين کي ان علائقي ۾ وڃڻ ۽ رپورٽنگ ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

بقايا سنڌيار 36

ظاهر ڪري آفر آرڊر ڏنا وڃن تفصيل : تعلقه اوٻاوڙو جي آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن پاران سيٽون لڪائڻ ۽ گهٽ سيٽون ظاهر ڪرڻ خلاف عيدالفطر ڪانپوءِ احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان اوٻاوڙو تعلقي جي 40 کان مٿي مارڪون کڻندڙ وننگ اميدوارن گلنواز سولنگي ، قابل تبسم ، سيد ڪليم حيدر شاهه ،جهانگير سمون، نعيم مهر صمد حسين رند، عبدالرئوف سولنگي، سعيد سومرو ،علي گل ڪٽو ،اصغر چاچڙ ۽ ٻين خالي سيٽون ظاهر نه ڪرڻ خلاف عيدالفطر ڪانپوءِ فوري احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته تازو اوٻاوڙو ۾ ڪيترائي استاد رٽائرڊ ٿيا آهن. ڪيترن ئي استادن جا PST کان HST ۾ پروموشن ٿيا آهن 45 کان 50 پي ايس ٽي استادن جي اي ايس ٽي ۾ جوائننگ ڏئي ڇڏي آهي جيڪي پوسٽون ظاهر نه ڪيون ويون آهن جيڪا تعلقي اوٻاوڙي جي اميدوارن سان ناانصافي آهي جنهن سبب اميدوارن ۾ بيچيني واري صورتحال ڇانيل آهي. هنن مطالبو ڪندي چيو ته ڊائريڪٽر سيڪنڊري، پرائمري، ڊي اي او سيڪنڊري ،پرائمري کي گهرجي ته جلد کان جلد رهيل سيٽون ظاهر ڪري سيڪريٽري جي هدايتن تحت اميدوارن کي آفر آرڊر ڏيئي سندن بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ ڀرپور تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا سنڌيار 37

آهن. عيد سر تي آهي اسان کي اسان جو جائز حق فوري طور تي ڏنو وڃي. استادن جون صحافين سان ڳالهيون. تفصيل موجب سب ڊويزن لاڏي ۾ آدمشماري جي ڊيوٽي سر انجام ڏيندڙ 400 کان وڌيڪ استادن کي اڃا تائين ڪنوينس الائونس سميت اجرت نه ملي سگهي آهي. ان سلسلي ۾ ڪاشف لاشاري. نويد مشتاق. تنوير احمد. سعيد بٽالوي. حسن قيوم . لبنا. مسرت. سيما. زاهدا ۽ ثنا سميت ڪيترن ئي استادن اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي استادن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي سيني ضلعن ۾ آدمشماري جي ڊيوٽي سر انجام ڏيندڙ استادن کي پئسا ملي ويا آهن پر اسان اڃان تائين رولڙي جو شڪار آهيون. اسان سخت ڏکيائين کي منهن ڏيندي آدمشماري جي ڊيوٽي قومي فرض سمجهي ادا ڪئي آهي. اسان سيڪيورٽي جي لاءِ بار بار لکيو پر سيڪيورٽي به نه ڏني وئي. اسان مان ڪيترائي استاد اهڙا آهن جن کي سال کان پگهارون به نه مليون آهن. عيد به اچ سياٽي تي اچي پهتي آهي. هنن الزام هنيو ته ڊپٽي ڪمشنر چيو آهي ته اوهان کي جلد اوهان جي اجرت ڏني ويندي جيڪا اسسٽنٽ ڪمشنر ضياءَ الدين ادا ڪندو. سندن چوڻ هو ته ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته جنهن اڪائونٽ ۾ آدمشماري ۾ ڊيوٽي ڪندڙ استادن جا پئسا اچڻا آهن اهو اڪائونٽ ئي غير فعال آهي. اسسٽنٽ ڪمشنر جي لاپرواهي سبب اسان کي وقت ڪنوينس الائونس سميت اجرت نه ملي سگهي آهي. ڪنوينس جا پئسا اڳواٽ نه ملڻ سبب اسان ڳاٽي پڳا قرض کڻي به ڊيوٽي سر انجام ڏني آهي. هنن مطالبو ڪيو ته اسان استادن جي هن مسئلي کي سنجيدگي سان وٺندي فوري طور تي حل ڪيو وڃي جيئن استادن جي بي چيني ختم ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 38

مغيري جي ٻوڏ متاثر ڳوٺاڻن سڪندر مغيري ،رسول بخش مغيري، صالح محمد مغيري، نيڪ محمد، پوڙهو خان. ۽ ٻين معصوم ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ٻوڏ سبب اسان جو ڳوٺ مڪمل طور ٻڏي تباهه ٿي ويو اسان جا ڪچا پڪا درجنين گهر ڪري پٽ پئجي ويا گهرن ۾ پيل سمورو سامان ٻوڏ ۾ لڙهي ويو چوپايو مال مري ويو گذريل ست مهينن کان بي گهر بڻجي کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهيون اسان جي ڳوٺ کي امدادي سرگرمين ۾ مڪمل طور نظر انداز ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته اسان بار بار ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص توڙي تڪ جي چونڊيل نمائندن کي شڪايتون ڪيون آهن ان باوجود اسان جي ڳوٺ ۾ اڃان تائين ڪا به سرڪاري امداد نه ڏني وئي آهي نه ئي ڪو اين جي اوز اسان جي ڳوٺ ۾ اچي اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي هنن چيو ته اسان جي ڀرپاسي جي ٻين ڳوٺن ۾ مختلف اين جي اوز ٻوڏ متاثرن کي پڪا گهر ٺاهي ڏيڻ سان گڏ راشن گهريلو سامان توڙي چوپايو مال ڏي پئي پر اسان جي ڳوٺ کي امدادي سرگرمين ۾ نظرانداز ڪري اسان سان ظلم ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته ٻوڏ ۾ تباهه ٿيڻ بعد سخت پريشان ٿيل آهيون هنن سنڌ سرڪار ۽ ضلعي انتظاميا ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي واهر ڪري مدد ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 39

آهن ته عيد الفطر جي موقعي تي اوور لوڊنگ ڪندڙ مسافرن ۽ گاڏين کان وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪرڻ خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته عيدالفطر جي موقعي تي موٽر وي پوليس جي آفيسرن سان ملاقاتون پڻ ڪيون پيون وڃن. عيد جي موقعي تي مسافرن کي سموريون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. اوور لوڊنگ ۽ وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي. هر گاڏي ۾ ٻه ڊرائيور هجڻ کي يقيني بڻايو وڃي. ٻئي طرف ڊ آءِ جي جاويد علي مهر آفيسرن کي سخت هدايتون ڏنيون آهن ته عيد الفطر جي موقعي تي عيد ملهائڻ لاءِ پنهنجن گهرن ڏانهن ويندڙ ماڻهن کي مڪمل مدد فراهم ڪئي وڃي ۽ اهڙين گاڏين کي اوور لوڊنگ کان پاسو ڪيو وڃي. وڌيڪ ڀاڙو واپس ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي ته سندن ڊرائيورن جا لائسنس ۽ گاڏين جا روٽ پرمٽ رد ڪيا وڃن ۽ سخت ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو وڃي ۽ مسافرن کي اضافي ڀاڙا واپس ڪيا وڃن. موٽروي پوليس جي ترجمان موجب موٽروي پوليس پاران ٽال پلازه ۽ ٻين چيڪنگ پوائنٽس تي اوور لوڊنگ گاڏين ۽ مسافرن کان وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪرڻ وارن کي چيڪ ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 40

۾ ضلعي ۾ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ جوڙيل ڪميٽي جي ڇهين اجلاس جي صدارت ڪري رهيو هو. هن چيو ته اسان سماجي ڀلائي واري اين جي اوز FGRF دعوت اسلامي، هيلپنگ هينڊ ۽ UNIOM جا شڪر گذار آهيون. جن ضلعي انتظاميا جي مدد ڪئي ته جيئن ضلعي مان بچيل پاڻي نيڪال ڪري متاثرن جي بحالي، لاءِ راشن فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وئي ۽ خيما، مڇردانيون ۽ ٻيون شيون فراهم ڪيون اسڪارپ ايريگيشن کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ضلعي ۾ قائم سمورن پمپنگ اسٽيشنن کي ڪم جي حالت ۾ رکيو وڃي ۽ ذاتي طور تي سمورن پمپنگ اسٽيشنن جو دورو ڪيو وڃي. هن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ضلعي ۾ قائم سمورن ڊرينيج ڊسپوزل کي فعال ڪيو وڃي ۽ سمورن اسٽيشنن جي رپورٽ تيار ڪري ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ پيش ڪئي وڃي ته جيئن قائم ڪيل ڊرينيج اسڪيمن جو پاڻ سروي ڪري رپورٽ فراهم ڪئي وڃي. اعلي عدليه کي آگاهي ڏيڻ ۾ مدد ملي. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (2) سيد عمار حسين، ايريگيشن آبپاشي کاتي، ايڪسين اسڪارپ ايريگيشن، ايڪسين پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ايڪسين سيپڪو ۽ هيلپنگ هينڊ جي نمائندن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 41

خريدڻ کان به قاصر بڻجي ويا آهن. ان سلسلي ۾ مختلف علائقن کان علاج لاءِ سول اسپتال مڪلي ايندڙ ڪيترن ئي مريضن توڙي انهن جي وارثن دانهيندي چيو ته جڏهن کان سول اسپتال مڪلي سميت ٻين سرڪاري اسپتالن جا انتظام صحت کاتي کان وٺي مرف اين جي اوز حوالي ڪيا ويا آهن. تڏهن کان اسپتالن ۾ دوائن جي سخت ڪوٽ پيدا ٿيل آهي. جنهن ڪري سموريون دوائون، سرجون، ڊپون وغير مريض پرائيويٽ اسٽورن تان خريد ڪري لڳرائڻ تي مجبور بڻيل آهن. ڏهئي طرف اسپتالن جي وڏي ايندڙ بجيٽ به هڙپ ڪئي پئي وڃي. جنهن جي ڪاٿو انڪوائري نٿي ٿئي. هنن چيو ته هڪ طرف مهانگائي ۾ اضافو ٿيڻ ڪري دوائون به 100 سيڪڙو مهانگيون ڪيون ويون آهن. جيڪي غريب ماڻهن جي خريدڻ جي وس جي ڳالهه ناهي، جيڪي غريب مريض علاج ڪرائڻ لاءِ اچن ٿا اهي پئسا نه هجڻ ڪري علاج به پنهنجو نٿا ڪرائي سگهن. هنن انڪشاف ڪندي چيو ته مرف پاران 60 سال عمر کان وڌيڪ جا ڊاڪٽر به مختلف اسپتالن ۾ مقرر ڪري ڇڏيا آهن. جن پاران ڪجهه وقت اڳ ٻوهارا جي رهواسي معصوم ٻارڙي رياض علي سومرو کي ٽانگ ڏنگي وڌو هو جنهن کي ساڪرو اسپتال آندو ويو. جتي ٽانگ جي زهرختم ڪرڻ جي انجيڪشن موجود هوندي به نه لڳائي وئي ۽ ڪيس ڪراچي موڪليو ويو. جيڪو فوت ٿي ويو هنن چيو ته مرف اين جي اوز پاران اهڙن ڊاڪٽرن کي رکڻ مان عوام کي ڪهڙو فائدو آهي. جيڪي جان بچائڻ بجاءِ جان جا ٿي ويري بڻجي وڃن ٿا. هنن وزير اعلي سنڌ، صحت کاتي جي صوبائي وزير سميت سمورن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته سمورين سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي ڪوٽ ختم ڪري سرڪاري اسپتالون مرف اين جي اوز کان واپس وٺي سرڪاري نگراني ۾ هلائي 60 سالن جي عمر کان وڌيڪ ڊاڪٽرن ۽ ٻئي عملي کي هٽائي عوام کي صحت جون سموريون مفت سهولتون مهيا ڪري سندن جانيون بچائي غريب ماڻهن کي پرائيويٽ اسٽورن تان دوائون خريدڻ کان بچائي ڪين رليف مهيا ڪيو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 42

تعلقي جي ڳوٺ عرضي پتو ۾ گلشن اقبال جي ڪراچي صحافي سماجي اڳواڻ سعيد احمد پتو جي ننڍي ڀاءُ شيراز پتو جي پنهنجي ئي برادري جي ماڻهن هٿان قتل واقعي تي ڪراچي جي سياسي اڳواڻن- پ پ جي ليڊيز اڳواڻ طارق پروين. پاڪستان مسلم ليگ ن صوبي سنڌ جي نائب صدر غلام سرور - جماعت اسلامي جي حماد پتو .ايس يو پي جي منير مگسي ـ ڊاڪٽر علينواز گبول. سماجي اڳواڻ علي بابا پنهوار . علي ڏنو ٿاتوري. اديبن ۽ وڪيلن فاروق احمد گورڙ. جمشيد زهراڻي. ۽ صحافين فاروق احمد بنگوار. دلدار سيلرو. باغي ساگر پنهوار ـ عمران ميزان. غوث ٻگهيو. عبدالجبار چانڊيو .جعفر گوپانگ ۽ ٻين مذمت ڪندي قاتلن جي فوري طور گرفتاري جو مطالبو آهي جڏهن ته هنن صحافي سعيد احمد پتو سان سندس ڀاءُ جي وڇوڙي تي تعزيت ڪندي گهري ڏک جو اظهار پڻ ڪيو آهي سياسي سماجي اڳواڻن وڪيلن قلم ڌڻين چيو ته سنڌ اندر قبائلي جهيڙن ڏاڍيل راڄ قائم ٿيڻ پوليس جي نااهلي جو واضع ثبوت آهي هنن چيو ته صحافي سعيد احمد پتو جي ڀاءُ شيراز کي گهر جي درواڙي تي زهرتن قتل ڪيو ويو آهي هنن آءِ جي سنڌ پوليس .ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو .ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان گهر ڪئي آهي ته صحافي جي گهرو نوجوان ڀاءُ جي قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سموري سنڌ اندر قلم ڌڻين ۽ شعور رکندڙن طرفان احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 43

دوست مطلب بنگالي پسٽل جي فائر سان حاجي کي زخمي ڪري وڌو .فائر ٺڪ جي آواز تي ڳوٺاڻن پهچي حاجي جي وارثن کي اطلاع ڪيو . ڳوٺاڻن جي پهچڻ تي حملو ڪندڙ جوابدار فرار ٿي ويا هئا . بعد ۾ وارث زخمي حاجي کي انڊس اسپتال ڪٿائي وڃي رهيا هئا ته نوجوان رستي ۾ دم ڏئي حوالي ڪيو. بدين پوليس اطلاع تي واردات واري هنڌ پهتي ۽ معلومات وٺڻ بعد گولاڙجي پرسان هڪ جاءِ تي چاهو هٿي جوابدار مطلب بنگالي کي گرفتار ڪري ورتو ۽ قتل ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيار پڻ هٿ ڪيو آهي. ذريعن ٻڌايو ته فوتي ۽ قتل ۾ ملوث مطلب بنگالي پاڻ ۾ دوست آهن . گذريل رات دڙي فارم تي گڏجي ڪچهري ڪيائون. ڪچهري دوران شراب پيئڻ بعد ڪنهن ڳالهه تان اٽڪي پيا ۽ جوابدار پسٽل جا فائر ڪري سندس حاجي کي زخمي ڪري وڌو ۽ هڪ نه معلوم دوست سان گڏ موٽر سائيڪل تي چڙهي موقعي تان فرار ٿي ويو . ماڊل ٿاڻي بدين جي پوليس موجب نوجوان جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو آهي جيئن ئي وارث ڪيس داخل ڪرائڻ ايندا ته ايف آءِ آر داخل ڪرائي ويندي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پراونشل بلڊنگس ڊويزن، هيلٿ ورڪس (لوئر سنڌ) حيدرآباد

Dated:12_04_2023 — No: TC/XEN/PBD(H.W)@HYD/10058/of 2023, Hyd — Email:xenpbdhis@gmail.com

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

(ايس پي پي آر اي هدايتن ۽ گائيڊ لائينس 2010 جي مطابق)

اڄ تائين ترميم ٿيل

اهليت جي معيار تي پورو لهندڙ/پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ خواهشمند ٺيڪيدارن/فرمز/پارٽين کان هيٺين ڪم جي لاءِ ڪمپوزٽ شيڊيول آف ريٽس (CSR) 2012 تي (ايس بي ڊي) فارم بنيادن تي مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر ۽ اي ڊي پي نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل لاڳت (ملين رپين ۾)	بڊ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو	گهربل PEC ڪيٽيگري
1/1129 of 2022_23	ٻچيري تعلقي ڏوڙ جي بي ايڇ يو اپگريڊ تو آر ايڇ يو	91.751 (ملين)	ڪٿيل لاڳت جو 5٪	1200	24 مهينا	C_4

2. اهليت جا معيار:

i) سال 2023 جي لاءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان موثر رجسٽريشن

ii) فرم وٽ هي اسپيشلائيزڊ ڪوڊز CE09, CE10, EE04 هجڻ گهرجن (جنرل اليڪٽرڪ ورڪس رڳي)

iii) ساڳئي نوعيت ۽ پيچيدگي جي گهٽ ۾ گهٽ 02 (ٻه) منصوبن تي عمل ڪرڻ جو ڪامياب تجربو گذريل 5 سالن ۾ ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪيو ويو آهي. جيڪا اندازي مطابق خرچ جو گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو آهي. ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽ سان ڳنڍيل هجڻ گهرجي. (iv ساڳئي سائيٽ / جاگرافيائي حالت ۾ گهٽ ۾ گهٽ 01 (هڪ) منصوبي جي عمل ۾ ڪامياب تجربو گذريل 5 سالن ۾ ڪاميابي سان مڪمل ڪيو ويو آهي. ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽ سان ڳنڍيل هجي.

iv) ساڳئي سائيٽ / جاگرافيائي حالت ۾ گهٽ ۾ گهٽ 01 (هڪ) منصوبي جي عمل ۾ ڪامياب تجربو گذريل 5 سالن ۾ ڪاميابي سان مڪمل ڪيو ويو. ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽ سان ڳنڍيل هجي.

v) ٺيڪيدار وٽ لازمي طور تي بيچنگ پلانٽ، ٽرانزٽ مڪسر، پلاءِ/اسٽيل شٽرنگ، اسڪيفولڊنگس، ايڪسايٽر، جيڪ هيمر، گريڊر ۽ پورٽ ايبل مڪسر مشين موجود هجي (مشينري/ايڪوپمينٽ جي ڪميٽي پاران فزيڪلي تصديق پڻ ڪري سگهجي ٿي).

vi) ICAP رجسٽرڊ آڊٽ فرم پاران تصديق ٿيل آڊٽ رپورٽ سان گڏ گذريل پنجن سالن جي اندازي مطابق خرچ کان گهٽ نه سراسري ساليانو مالي واپار.

vii) فرم سان گڏ ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي بايوڊيٽا سان سي وي شامل هجي جيڪا فرم سان ملازمت. انهن جو پگهارون ۽ انڪم ٽيڪس ڊڊڪشن (گذريل 6 مهينا). فرم سان سول ۽ اليڪٽريڪل انجنيئرز سان پي اي سي لائسنس

viii) ڪانٽريڪٽر وٽ هيٺيون ذاتي صلاحيتون هجن:

ڪي پوزيشنس (تعليمي قابليت) جي لاءِ:

a. گهٽ ۾ گهٽ هڪ سول انجنيئرنگ بي.اي (سول) ڊگري رکندڙ

b. گهٽ ۾ گهٽ هڪ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ بي.اي (اليڪٽريڪل) ڊگري رکندڙ

ڪي پوزيشنس (تجربي) جي لاءِ:

a. گهٽ ۾ گهٽ 2 وڏا ڪيل ساڳي نوعيت جي پروجيڪٽس ۾ ڪم ڪيو هجي.

b. گذريل 05 سالن جو تجربو رکندڙ

ix) فنانشل اسٽيٽمينٽ (سمري) ۽ گذريل 03 سالن جي لاءِ انڪم ريٽرن

x) فرم جي بڊ سيڪيورٽي پاڪستان ۾ مقرر ٿيل بينڪ طرفان جاري ڪيل ڪال يا ڊيمانڊ ڊرافٽ تي پي آرڊر يا جمع ڪرائڻ پوندي.

x) نان جڊيشل پيپر تي حلف نامو ته فرم ڪنهن به ايگزيڪيوٽو ايجنسي ريٽان بليڪ لسٽ ٿيل نه آهي ۽ نه ئي ڪنهن به ايگزيڪيوٽو ايجنسي خلاف ڪنهن به ڪورٽ ۾ مقدمي بازي ۾ ملوث رهيو آهي ۽ جيڪڏهن فرم ڪنهن به ايگزيڪيوٽو ايجنسي سان مقدمي بازي ۾ ملوث آهي ته اوهان جو موجوده اسٽيٽس/فيصلو جاچائي

ix) نان جوڊيشل پيپر تي فرم جو حلف نامو ڪڏهن به ڪنهن ايگزيڪيوٽو ايجنسي طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.

x) مالي قابليت ڏيکارڻ لاءِ بينڪ ۾ 20٪ ٽينڊر جي رقم هجڻ لازمي آهي (ڪمپني جي موجوده اڪائونٽ بيلنس سلپ / فارم بينڪ سان ڳنڍيل هجي)

(x

xi) انڪم ٽيڪس (ايف بي آر). سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) سان رجسٽريشن ۽ فرم جي پروپرائيٽرز جي قومي سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي. فرم لازمي طور تي ايڪٽو ٽيڪس پيئر هجي.

xii) آڇ دستاويز جو هرهڪ صفحو ۽ پروفائل آڇ ڏيندڙ پاران صفحي وائيز دستخط ٿيل ۽ مهربند ٿيل هجي.

2. پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار (سنگل اسٽيج ٽو انويلپ)

3. آڇ / ٽينڊر دستاويز

i) جاري ڪرڻ آڇ دستاويز اشاعت جي تاريخ کان 26_04_2023 (آفيس وقت دوران) تائين هرهڪ ڪم سامهون ڄاڻايل ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) جي ادائيگي تي جاري ڪيا ويندا.

ii) جمع ڪرڻ: جمع ڪرڻ جي آخري تاريخ 27_04_2023 تي صبح جو 09:15 تائين هوندي.

iii) کولڻ: آڇون ساڳي تاريخ تي صبح جو 09:30 وڳي کوليون وينديون.

iv) جڳهه: جاري ڪرڻ جمع ڪرڻ چنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ کولڻ جي جاءِ هوندي.

پتو: آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پراونشل بلڊنگس ڊويزن هيلٿ ورڪس (لوئر سنڌ) برابر ڊائريڪٽر ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن آفيس شهباز بلڊنگ حيدرآباد

i) موٽ نه مليل ٽينڊر: هيٺين تاريخن تي ٻيهر جاري ڪيا/جمع ڪيا ويندا.

ٻيو دفعو: (a) جاري ڪرڻ جي تاريخ: 04_05_2023 (آفيس وقت دوران)

(b) جمع ڪرڻ ۽ کولڻ جي تاريخ: 19_05_2023 تي صبح جو 11:15 تي وٺي ساڳئي ڏينهن 11.30 تائين کوليا ويندا

5. شرط ۽ ضابطا:

(اي) هيٺين صورتن ۾ آڇون رد ڪيون وينديون

i) شرطيا اليڪٽرونڪ ۽ ٽيليگرافڪ آڇون/ٽينڊرز

ii) ٽيڪنيڪل پروپوزل لفافي ۾ اصل ۾ گهربل رقم جي بڊ سيڪيورٽي ۽ فارم ڪانسواءِ آيل آڇون

iii) مقرر تاريخ ۽ وقت کانپوءِ پهتل آڇون

iv) بليڪ لسٽ ٿيل فرم

(بي) آڇ جي موثر رهڻ جو مدو (90) ڏينهن

(سي) پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (هاڻي تائين ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شقن موجب ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

6. عام موڪل، هڙتال يا ڪنهن حادثي جي صورت ۾ ورندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت تي جمع ڪرڻ/ کولڻ جي تاريخ هوندي.

7. آڇ کولڻ جي ڏينهن تي پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي ڪنهن به ميمبر جي هيڊ آفيس مان هجڻ جي صورت ۾ آڇون ٻيهر ورندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول موجب جمع ڪيون ۽ کوليون وينديون

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل بلڊنگس ڊويزن
هيلٿ ورڪس (لوئر سنڌ)
حيدرآباد

INF/KRY.No.1472/2023

SAY NO TO CORRUPTION — WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ تہ .... وڌندي سنڌ